جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL_
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | ربع 18 نومبر 2026ع بمطابق 07 جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 38

سي ڊي ايف سان عراقچي جي ملاقات، ويجهن لاڳاپن ۽ سهڪار تي اتفاق

چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي وفد سميت ملاقات ڪئي، جنهن ۾ علائقائي سلامتي جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي راولپنڊي ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران گڏيل دلچسپيءَ وارن معاملن ۽ علائقائي سلامتي جي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

گڏيل سلامتيءَ جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف طريقن تي پڻ غور ڪيو ويو. فيلڊ مارشل عاصم منير علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ ويجهن رابطن، گڏيل اعتماد ۽ سهڪار جي اهميت تي زور

پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ برادراڻن لاڳاپن ۽ سلامتيءَ جي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو. ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي علائقائي امن ۽ استحڪام جي واڌاري لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار کي ساراهيو

پاڪستان سان ٻه طرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۽ ايران علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ ويجها رابطا ۽ سهڪار جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو

پاڪستان سان ٻه طرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان ۽ ايران علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ ويجها رابطا ۽ سهڪار جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو

راولپنڊي(م ر) چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي وفد سميت ملاقات ڪئي، جنهن ۾ علائقائي سلامتي جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آءِ ايس پي آر موجب، ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي راولپنڊي ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران گڏيل دلچسپيءَ وارن معاملن ۾ علائقائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

راولپنڊي: فيلڊ مارشل عاصم منير سان ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي ملاقات ڪندي

پرڏيهي شاگردن ۽ صحافين جي ترسڻ جو مدو محدود ڪرڻ جو الزام غيرقانوني آهي: آمريڪي عدالت

نيويارڪ (م ر) آمريڪي عدالت ٽرمپ انتظاميه جي ان پاليسي کي ڪالعدم قرار ڏنو آهي جنهن تحت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

جاپان پاران فضائي حدن جي ڀڃڪڙي تي روس سان سفارتي احتجاج

ٽوڪيو (م ر) جاپان پنهنجي فضائي حدن جي ڀڃڪڙي تي روس آڏو سفارتي احتجاج رڪارڊ ڪرايو آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

سنڌ جي ورهاست زبردستي ڪئي وئي ته ڪراچي جي رستن تي رت وهندي: بلاول

نظام مڪمل طور تباهه ٿي چڪو آهي، پراهو چو ٿيو آهي، ان بابت ڪير به ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي. نظام کي ٻيهر ترتيب ڏيڻي پوندي ته جيئن حقدار کي سندس حق ملي سگهي

مان پاڻ به نظام جي ڪِرڻ جو ذميوار آهيان. اسان کي غير سياسي نه، پر سياسي ري سيٽ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن نظام کي سياسي طور ري سيٽ ڪرڻو آهي ته ان جي شروعات پارليامينٽ کان ڪئي وڃي

اپوزيشن کي پارليامينٽ تي بلڪل به اعتماد ناهي، اپوزيشن جو اعتماد بحال ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي اسان کي سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻو پوندو، اڄ نه ته سڀاڻي ائين ڪرڻو ئي پوندو

اوهان پي ٽي آءِ وٽ وڃو ۽ ڳالهه ٻولهه ڪريو. جيڪڏهن اهي دهشتگرديءَ خلاف جنگ لاءِ تيار آهن ته گورنر راڄ ختم ٿي سگهي ٿو مان پي ٽي آءِ جي باني کي سياسي قيدي سمجهان ٿو. جيڪو به وزيراعظم بڻجي ٿو

اهو جيل وڃي ٿو. ڇا مان اهو مڃان ته سڀئي وزيراعظم چور هئا يا اهو سياسي انتقام آهي؟ مان اهو ڏينهن ڏسڻ چاهيان ٿو، جڏهن ڪو وزيراعظم بڻجي ته ڪيس بعد ۾ جيل نه وڃڻو پوي

مولانا فضل الرحمان جي ذميواري آهي ته هو اسان تي تنقيد ڪري. حڪومت کي مولانا فضل الرحمان جو اعتماد بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته نظام تباهه ناهي ٿيو پر نظام کي تباهه ڪرايو ويو آهي. جيڪڏهن نظام تباهه ٿيو آهي ته ان جو علاج ري سيٽ ڪرڻ ۾ آهي، ۽ اهو سياسي ري سيٽ هوندو. ڪراچي پريس ڪلب ۾ ”ميٽ دي پريس“ پروگرام کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته نظام مڪمل طور تباهه ٿي چڪو آهي، پراهو چو ٿيو آهي، ان بابت ڪير به ڳالهائ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي پريس ڪلب ۾ ميٽ دي پريس کي خطاب ڪندي

غزه ۾ اسرائيلي فضائي حملا، دوائن جي کوٽ سبب شهرين ۽ امدادي ڪارڪنن جون زندگيون شديد خطري ۾ آهن: گڏيل قومون

اسرائيل رفح ۾ گڏيل قومن جي قيادت ۾ هلندڙ ٻارڻ جي هڪ قافلي جي انتهائي ويجهو فضائي حملا ڪيا

او سي ايڇ اي: گڏيل قومن جي عملي ۽ انهن جي گاڏين خاص طور تي ٻارڻ کڻي ويندڙ گاڏين ويجهو حملن تي ڳڻتي جو اظهار

اهڙي طرح جي ڪارروائين امدادي ڪارڪنن کي سخت خطرن ۾ وجهي ڇڏيو آهي

نيويارڪ (م ر) گڏيل قومن خبردار ڪيو آهي ته غزه جي تباهه ٿيل علائقن ۾ اسرائيلي فضائي حملن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي موجوده ڍانچي ۾ تبديلي جي ضرورت آهي: ملائيشيا جو وزيراعظم

ڪوالالمپور (م ر) ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم گڏيل قومن تي زور ڀريو آهي ته هو اداري ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

جمهوريت ۽ آزاديءَ لاءِ شاگردن جون قربانيون تاريخ جو سونهري باب آهن: وڏو وزير

جتي شاگرد تنظيمن آمريت خلاف ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪن ۾ هراول دستي جو ڪردار ادا ڪيو

جنرل ضياءُ الحق جي آمريت خلاف جدوجهد ۾ شاگرد تنظيمن بي مثال ڪردار ادا ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سنڌ ۾ غربت ۽ مهانگائي سبب مردن ۾ نسبندي ڪرائڻ جي رجحان ۾ واڌ

سنڌ جي آبادي جي ڀلائي واري کاتي موجب 2021 مردن جي نس بندي جا 24 ڪيس رپورٽ ٿيا هئا

جيڪي 2025 ۾ 4 هزار کان مٿي ٿي ويا. هلندڙ سال سيپٽمبر تائين سنڌ ۾ 3909 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن

ڪراچي(رپورٽر)غربت ۽ مهنگائي جي شرح ۾ لڳاتار واڌ بعد سنڌ ۾ خانداني رٿا بندي لاءِ مردن ۾ نس بندين جو رجحان وڌي رهيو آهي. بي بي س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

نائب وزيراعظم ۽ ترڪمانستان جي پرڏيهي وزير رشيد مريدوف جي ملاقات

پاڪستان ۽ ترڪمانستان جي وچ ۾ ڊگهي عرصي کان هلندڙ ڀائيچاري لاڳاپن جو جائزو ورتو

مختلف شعبن ۾ گڏيل تعاون کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ ترڪمانستان جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان ترڪمانستان جو پرڏيهي وزير ملاقات ڪندي

بلاول ڀٽو کي وزيراعظم بڻجندي ڏسي رهي آهيان: فريال ٽالپر

پنجاب ۾ اڄ به پيپلزپارٽي لاءِ سياسي گنجائش موجود آهي، بلدياتي چونڊن جي تياري ڪرڻ گهرجي

هوءَ پنهنجي والد جي ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽر هئي، پر ڪيس جيل ۾ وڌو ويو. عورتن کي جيل ۾ نه هجڻ گهرجي

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ فريال ٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه برٽش جي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

عراق ۽ اردن ۾ سيڪيورٽي خدشن سبب ٽيليگرام تي پابندي لاڳو

ڊجيٽل سيڪيورٽي کي مضبوط بڻائڻ، سائبر ڏوهن، ڌمڪين، بليڪ ميلنگ ۽ غيرقانوني مواد جي تشهير روڪڻ آهي

عمان (م ر) عراق ۽ اردن سيڪيورٽي خدشن، انتهاپسند مواد جي پکيڙ لاءِ ان ذريعي جو استعمال ڪرڻ جي خدشي سبب ميسيجنگ ايپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

بلاول ڀٽو زرداري سان شفقت حسين شاهه شيرازي ۽ رياض حسين شاهه شيرازي جي ملاقات

ملاقات دوران ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي مجموعي سياسي صورتحال، انتظامي معاملن ۽ عوام کي درپيش بنيادي مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

ٻنهي اڳواڻن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي علائقي جي عوامي مسئلن، ترقياتي ضرورتن ۽ ٻين اهم معاملن بابت آگاهه ڪيو

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڳواڻن جا موقف ڌيان سان ٻڌا ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان اڳوٽي سينيٽر، اڳوٽي ضلعي ناظم ۽ سينيئر سياستدان سيد شفقت حسين شاهه شيرازي ۽ ٺٽي مان چونڊيل سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي بلاول هائوس ڪراچي ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ٺ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

فيلڊ مارشل عاصم منير سان برطانوي چيف آف جنرل اسٽاف جي ملاقات

جي ايڇ ڪيو پهچڻ تي مهمان وفد کي پاڪ فوج جي دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو

ملاقات دوران گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن، علائقائي سلامتي ۽ دفاعي سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ٻنهي ڌرين پاڪستان ۽ برطانيا وچ ۾ ڊگهي عرصي کان قائم خوشگوار لاڳاپن تي اطمينان جو اظهار ڪيو

راولپنڊي(م ر)فيلڊ مارشل عاصم منير سان برطانوي چيف آف جنرل اسٽاف سر چارلس رولينڊ جي سربراهيءَ ۾ آيل وفد ملاقات ڪئي، آءِ ايس پي آر موجب، جي ايڇ ڪيو پهچڻ تي مهمان وفد کي پاڪ فوج جي دستي گارڊ آف آنر پيش /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

خان کي سرجري جي ضرورت آهي ته حڪومت ڪرائيندي: راڻا ثناءُ الله

پي ٽي آءِ باني جي علاج ۽ طبي سهولتن جي معاملي ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ڪئي وئي آهي

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي ڊاڪٽرن جي مشوري موجب علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون

جيڪڏهن ڊاڪٽرن جو بورڊ عمران خان جي سرجري جي سفارش ڪئي ته حڪومت ان لاءِ به سهڪار ڪندي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته جيڪڏهن ڊاڪٽرن جو بورڊ فيصلو ڪيو ته پي ٽي آءِ باني عمران خان کي سرجري جي ضرورت آهي ته حڪومت ڪيس سموريون سهولتون فراهم ڪندي. ڳالهائيندي راڻا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ايم ڪيو ايم پاڪستان هڪ دفعو ٻيهر سنڌ جي وڏي وزير کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

مراد علي شاهه صوبي جا انتظامي ۽ مالي معاملا انجام ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام آهي: ايم ڪيو ايم

سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ اسڪول کان ٻاهر ٻارن جو تعداد 44 سيڪڙو تائين پهچي ويو آهي

اپريل 2026 تائين 6 هزار ٻار حڪومت جي بي وسي سبب ايڇ آءِ وي ايڊز جو شڪار ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان هڪ دفعو ٻيهر سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي کان فوري طور تي استعيفيٰ ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ترجمان چيو ته مراد علي شاهه صوبي جا انتظامي ۽ مالي معاملا انجام ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام آهي، سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ اسڪول کان ٻاهر ٻارن جو تعداد 44 سيڪڙو تائين پهچي ويو آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

مال بردار ٽرين جون 7 بوگيون پٽڙي تان لهي ويون

حادثو اڄ صبح 5 لڳي 25 منٽن تي پيش آيو. مال بردار ٽرين ڪراچي کان قلعي ستار شاهه وڃي رهي هئي

فني خرابي سبب فيروزه ريلوي اسٽيشن ويجهو انجڻ سميت 7 ڀريل بوگيون پٽڙي تان لهي ويون

گهوٽڪي (رپورٽر) پنجاب جي ضلعي رحيم يار خان جي تعلقي لياقت پور ۾ فيروزه ريلوي اسٽيشن ويجهو مال بردار ٽرين پٽڙي تان لهي وئي. مال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

پشاور هاءِ ڪورٽ ايمرجنسي، فوج گهرائڻ ۽ ٿري ايم پي او جا ڪيس نٿي ٻڌي سگهي: وفاقي آئيني عدالت

ڪي پي بار ڪونسل ڪيس ۾ ڏر بنچ جي درخواست ڏني. درخواستگذارن جي وڪيل ڏر بنچ جي درخواست تي جواب جمع ڪرائڻ لاءِ وقت گهريو

عدالت وڪلين جي استدعا منظور ڪندي جواب جمع ڪرائڻ لاءِ وقت ڏئي ڇڏيو، 5 نومبر جي عدالتي حڪم نامي جي روشني ۾ ڪي پي حڪومت جواب جمع ڪرايو

ڪي پي حڪومت جي جواب جو جائزو ورتو ويو، 5 نومبر جي حڪمنامي جي پيراگراف نمبرات ۾ ترميم ڪريون ٿا

اسلام آباد (بيورو)وفاقي آئيني عدالت ٿري ايم پي او ڪيس ۾ 16 نومبر جي ٻڌڻي جو لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو آهي. حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته ڪي پي بار ڪونسل ڪيس ۾ ڏر بنچ جي درخواست ڏني. درخواستگذارن جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات تي زبردست تيزي

ڪاروبار جي شروعات تي 1200 کان وڌيڪ پوائنٽن جي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزيءَ سبب 100 انڊيڪس هڪ لک 79 هزار 450 پوائنٽن جي سطح تي پهچي ويو

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڪاروباري سرگرمين دوران هاڪاري رجحان برقرار رهيو. ڪاروبار جي شروعات تي 1200 ڪا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

موسمياتي تبديلين جي حوالي سان عدم فعاليت جي قيمت ڪيتري وڌيڪ آهي: وفاقي وزير

مالياتي پائيداري حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙين پاليسين کان پاسو ڪرڻ گهرجي جيڪي عوام کي موسمياتي اثرن جو تحفظ فراهم ڪرڻ جي ڪوشش کي ڪمزور ڪن

ماضي ۾ ڪفايت شعاري جي پاليسين جي نتيجي ۾ ٽيڪسن ۾ اضافو ٿيو ۽ موسمياتي ترقي جي عمل کي نقصان پهتو

بحث ۾ پاڪستان، اٿوپيا، يوگنڊا ۽ جاپان جي پارلياماني اڳواڻن ۽ ماهرن شرڪت ڪئي

جيئن مالياتي استحڪام سان گڏ عوام جي تحفظ ۽ موسمياتي لچڪ کي به يقيني بڻائي سگهجي

اسلام آباد/ انطاليه (بيورو) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته مالي استحڪام ضروري آهي جڏهن ته موسمياتي تبديلين جي حوالي سان عدم فعاليت جي قيمت ڪيتري وڌيڪ آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

اسلام آباد/ انطاليه : وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ تقريب کي خطاب ڪندي

اسان هر صورت ۾ ڪراچي ۾ گڏ ٿينداسين سنڌ جو ٻچو ٻچو 29 نومبر ڪراچي ايندو: ڊاڪٽر قادر مگسي

سپ کان پهرين 29 نومبر جو سڏ ڏنو، ايم ڪيو ايم وارن شرارت ڪري ساڳئي تاريخ جو سڏ ڏنو

محسن نقوي ڪير آهي ڪنهن هن کي چونڊي اقتدار ۾ آندو جيڪي ماڻهو چون سسٽم فيل آهي پوءِ اهي ماڻهو چون صوبا ناهيو ڇا سنڌ جا ماڻهو اهڙي فراڊ کي ائين برداشت ڪندا؟

سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين اوهان ڏسو پيپلزپارٽي پنهنجي بقا جي جنگ وڙهي رهي آهي

اسان سنڌ جي بقا لاءِ وڙهي رهيا آهيون، پيپلزپارٽي کي خبر آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ ڦير ڦار ٿي ته سنڌ جا ماڻهو سندن سياست دفن ڪري ڇڏيندا

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ۾ خطاب ڪندي چيو آهي ته سپ کان پهرين 29 نومبر جو سڏ ڏنو، ايم ڪيو ايم وارن شرارت ڪري ساڳئي تاريخ جو سڏ ڏنو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

حيدرآباد: ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي تقريب کي خطاب ڪندي

پاڪستان علما ڪائونسل پاران مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش جي مذمت

تحفظ حرمين الشريفين جي موضوع تي ختم نبوت اسلامڪ ريسرچ سينٽر ۾ اجلاس منعقد ٿيو

جنهن ۾ حوثين پاران مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش جي مذمت

فيصل آباد (م ر) پاڪستان علما ڪائونسل مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش جي مذمت ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ مرڪزي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پنجن يورپي ملڪن پاران ايندڙ سال روانڊا ۾ غير قانوني پناهگيرن جي واپسي جو مرڪز قائم ڪرڻ جو اعلان

برسلز (م ر) يورپي يونين جي پنجن ميمبر ملڪن ايندڙ سال روانڊا ۾ غير قانوني طور تي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ملڪ ۾ ٽريڪٽرن جي وڪري ۾ شروعاتي ڇهن مهينن دوران 41.6 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) سڄي ملڪ ۾ ٽريڪٽرن جي وڪري ۾ هلندڙ مالي سال جي شروعاتي ڇهن مهينن دوران ساليانو بنيادن تي 41.6 سيڪڙو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

لياري ۾ گڏيل آپريشن، بابا لاڏلا گروپ جو گهربل جوابدار گرفتار

اسماعيل افشاني گروپ جي انتهائي گهربل جوابدار سلمان عرف سلمو عرف سلام کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار وٽان هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيا ويا آهن

لياري(م ر) پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ ڊسٽرڪٽ سٽي پوليس گڏيل ڪارروائي ڪندي لياري جي علائقي افشاني گهٽي، ڪلاڪوٽ مان بابا لاڏلا ۽ اسر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ترڪمانستان جي ڪابينا جو ڊپٽي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير رشيد مريدوف پرڏيهي معاملن واري وزارت پهتو

اسلام آباد (بيورو) ترڪمانستان جي ڪابينا جو ڊپٽي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير رشيد مريدوف /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

پاڪستان ۽ ترڪمانستان جي گڏيل بين الحڪومتي ڪميشن جو ڇهون اجلاس جي پرڏيهي وزارت ۾ ڪاميابي سان پڄاڻيءَ تي پهتو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ ترڪمانستان جي گڏيل بين الحڪومتي ڪميشن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

شمن علي ميرالي ۽ سنڌس گهرواري وچ ۾ ٺاهه ٿي ويو، ڪيسن تان هٿ کڻڻ جي تصديق

عدالت ۾ شمن علي ميرالي جي پيشي جي موقعي تي سندس مداح پڻ وڏي انگ ۾ پهچي ويا

گڏريل شنوائي تي عدالت فيصلو محفوظ ڪندي اڄ ٻڌائڻ جو اعلان ڪيو هو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي سيڪنڊ سول جج اينڊ جوڊيشنل مئجسٽريٽ سجاد احمد ڪوسو جي عدالت ۾ سنڌ جي نالي واري راڳي شمن عل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

حيدرآباد: راڳي شمن علي ميرالي ۽ سنڌس گهرواري مرڪ شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل ۽ زرعي جنسن جي قيمتن ۾ گهٽتائي، سون ۽ چانديءَ جي قيمتن ۾ اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) عالمي مارڪيٽ ۾ تيل ۽ اڪثر زرعي جنسن جي قيمتن ۾ گهٽتائي جڏهن ته/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

يورپي يونين پاران روس خلاف نين پابندين جو اعلان

113 روسي شهرين کي به پابندين واري فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي

روسي تيل ۽ توانائي جي شعبي سان لاڳاپيل ادارن تي به پابنديون لڳايون ويون آهن

لنڊن (م ر) يورپي يونين روس خلاف نين پابندين جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. يورپي يونين پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته روس جي 50 بئنڪن ۽ ماليات/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙي جي گهر تي هٿيارٻندن جو حملو، فائرنگ ۾ نوجوان قتل، پيرسن عورت سميت 2 ڄڻا زخمي

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز پرسان پريا سٽي جي ڪانيا محلي ۾ پيار جو پرڻو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

هريپور کي ڪي پي کان ڌار ڪري اسلام آباد ۾ شامل ڪرڻ جي اطلاع ملي آهي: ايمل ولي

هريپور کي ڌار ڪرڻ صرف انتظامي تبديلي نه آهي، صوبي جي آئيني حقن جو سنجيده سوال آهي

ڇو ته هريپور ۽ صوابي ٻئي تربيلا ڊيم سان جغرافيائي طور سان جڙيل آهن

پشاور (م ر) عوامي نيشنل پارٽي(اي اين پي) جي مرڪزي صدر ايمل ولي خان چيو آهي ته گڏيل طور تي هريپور کي خيبرپختونخواهه کان ڌار ڪري ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

پي ٽي آءِ باني جو علاج بابت لکيل خط پروپيگنڊا کان وڌيڪ ڪجهه نه آهي: عظميٰ بخاري

پي ٽي آءِ باني لکت ۾ پنهنجي صحيح سان اين آر او گهريو آهي، ٻين جي بيمارين جو مذاق اڏائيندڙ اڄ پاڻ جيل ۾ بيمار ٿي پيو

ميان نوازشريف جي سيل مان ٽانگ نڪرڻ جي ڳالهه هجي يا بيگم ڪلثوم نواز جي اسپتال تي حملو، ڳالهيون ٺاهيندڙ اڄ پاڻ مڪافات عمل جو شڪار آهن

جيل ۾ طبي سهولتون نه ملڻ جو ڊرامو ڪوڙ تي ٻڌل آهي. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جو اڊيالا جيل ۾ قيد جي دوران 8 ڀيرا باقاعده طبي ماهرين معائنو ڪيو

لاهور (م ر) پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني جو علاج بابت لکيل خط پروپيگنڊا کان وڌيڪ ڪجهه نه آهي. تفصيل موجب عظميٰ بخاري چيو ته پي ٽي آءِ باني لکت ۾ پنهنجي صحيح سان اين آر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڳالهين جو آخري دور 19 نومبر تي ٿيندو: لياقت بلوچ

حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ ڳالهين جو آخري دور 19 نومبر تي پرڏيهي وزارت جي وائيٽ روم ڪانفرنس هال ۾ ٿيندو

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ڳالهين واري ڪميٽيءَ جي سربراهه لياقت بلوچ سان رابطو ڪيو

جنهن دوران حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ جاري ڳالهين بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

لاهور(م ر) جماعت اسلامي جي نائب امير ۽ ڳالهين واري ڪميٽيءَ جي سربراهه لياقت بلوچ چيو آهي ته حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ ڳالهين جو آخري دور 19 نومبر تي پرڏيهي وزارت جي وائيٽ روم ڪانفرنس هال ۾ ٿيندو. نائب و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
ربع 18 نومبر 2026ع بمطابق 07جمادي الثاني 1448ھ

علائقائي امن ۽ معاشي سهڪار لاءِ پاڪستان جو سفارتي ڪردار

دنيا هن وقت جنگين، معاشي بحرانن، توانائيءَ جي ڪوٽ، واپاري پابندين ۽ عالمي طاقت جي ڇڪتاڻ سبب هڪ ڏکئي دور مان گذري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ علائقائي ملڪن وچ ۾ سهڪار، واپار، رابطن ۽ گڏيل معاشي مفادن کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي ويو آهي. اسلام آباد ۾ پاڪستان جي ميزباني هيٺ ٿيل اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) جي 30هين پرڏيهي وزيرن واري اجلاس ۽ ان جي پڄاڻيءَ تي منظور ٿيل اسلام آباد پڌرنامي کي انهيءَ تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. اجلاس ۾ ميمبر ملڪن علائقائي اقتصادي سهڪار ۽ رابطن کي مضبوط ڪرڻ جي گڏيل عزم جو اظهار ڪندي اقتصادي تعاون لاءِ اسٽريٽجڪ مقصدن 2035ع جي منظوري ڏني آهي، جيڪو ايندڙ ڏهاڪي دوران خطي جي معاشي ترجيحن ۽ گڏيل ترقيءَ لاءِ رهنمائيءَ جو فريم ورڪ فراهم ڪندو. پاڪستان پاران 2026ع ۽ 2027ع لاءِ اي سي او جي چيئرمين شپ سنڀالڻ ۽ 2027ع ۾ تنظيم جي 19هين سربراهه اجلاس جي ميزباني ڪرڻ جو فيصلو پڻ ملڪ لاءِ هڪ اهم سفارتي ذميواري آهي. ان سان گڏ ايران پاران 3 ۽ 4 ڊسمبر 2026ع تي 18هين سربراهه اجلاس جي ميزباني ڪرڻ وارو فيصلو ظاهر ڪري ٿو ته خطي جا ملڪ گڏيل فورم کي فعال رکڻ چاهين ٿا. پر سوال اهو آهي ته ڇا اهي پڌرناما، اسٽريٽجڪ مقصد ۽ سفارتي عزم عملي طور تي عوام جي زندگيءَ ۾ به ڪا تبديلي آڻي سگهندا؟ ڇو ته خطي جي ملڪن کي هن وقت رڳو سفارتي بيانن جي نه، پر اهڙين عملي پاليسين جي ضرورت آهي، جيڪي بيروزگاري، مهانگائي، غربت، توانائيءَ جي بحران، واپاري رڪاوٽن ۽ معاشي عدم استحڪام کي گهٽائي سگهن. اي سي او جا ميمبر ملڪ قدرتي وسيلن، توانائي، زرعي پيداوار، معدنيات، انساني افرادي قوت ۽ جاگرافيائي اهميت جي لحاظ کان وڏي صلاحيت رکن ٿا، پر انهن وسيلن مان گڏيل فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ سياسي اختلافن، سرحدي رڪاوٽن، غير ضروري پابندين ۽ هڪ ٻئي تي معاشي انحصار جي مسئلن کي حل ڪرڻ ضروري آهي. پاڪستان، ايران، ترڪي، وچ ايشيائي رياستن ۽ ٻين ميمبر ملڪن وچ ۾ زميني، ساموندي ۽ ريلوي رابطن کي وڌائي واپار لاءِ نوان رستا کوليا وڃن ته خطي جي معيشت کي نئين سگهه ملي سگهي ٿي. خاص طور تي توانائيءَ جي شعبي ۾ گڏيل منصوبا، گئس ۽ بجليءَ جي فراهمي، تيل جي واپار ۽ ٽرانسپورٽ جي سهولتن کي بهتر بڻائڻ سان ميمبر ملڪن کي عالمي بحرانن جي اثرن کان ڪجهه حد تائين محفوظ ڪري سگهجي ٿو. ان حوالي سان ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو بيان به غير معمولي اهميت رکي ٿو، جنهن ۾ هن چيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا ايران جون شرطون قبول ڪري ته تهران ٻن ڏينهن اندر آبنائي هرمز ٻيهر کولڻ لاءِ تيار آهي. هن اسلام آباد جي ثالثي ڪردار تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته اي سي او ملڪن آمريڪا سان جنگ ختم ڪرڻ جي ڪوشش جي حصي طور آبنائي هرمز کولڻ بابت ايران جي منصوبي جي حمايت ڪئي آهي. آبنائي هرمز عالمي توانائيءَ جي فراهميءَ لاءِ انتهائي اهم ساموندي گذرگاهه آهي، جتان دنيا جي تيل ۽ توانائيءَ جي وڏي مقدار گذري ٿي. ان جي بندش يا آمدرفت ۾ رڪاوٽ جو اثر رڳو ايران يا آمريڪا تائين محدود نٿو رهي، پر عالمي تيل جي قيمتن، ساموندي واپار، مال برداريءَ جي خرچن ۽ توانائيءَ تي ڀاڙيندڙ ملڪن جي معيشتن تي به پوي ٿو. پاڪستان جهڙي ملڪ لاءِ، جيڪو تيل ۽ توانائيءَ جي درآمد تي گهڻو ڀاڙي ٿو، آبنائي هرمز جي صورتحال سڌيءَ ريت معاشي اهميت رکي ٿي. عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو بار آخرڪار پاڪستان جي عام صارف تي پيٽرول، ڊيزل، ٽرانسپورٽ، بجلي، کاڌي پيتي جي شين ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جي اگهن ۾ واڌ جي صورت ۾ پوي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ جنگ جي خاتمي لاءِ پاڪستان جو سفارتي ڪردار انتهائي اهم بڻجي سگهي ٿو. پاڪستان جا ايران سان پاڙيسري، تاريخي ۽ معاشي لاڳاپا آهن، جڏهن ته عالمي برادريءَ سان به ملڪ جا پنهنجا سفارتي ۽ معاشي تعلقات آهن. اهڙي حساس صورتحال ۾ پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته هو ڪنهن به ڌر جي خلاف صف بندي ڪرڻ بدران ڳالهين، جنگبندي، سفارتي رابطن ۽ پرامن حل جي حمايت ڪري. البته سفارتي ثالثيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ رڳو بيان ڪافي ناهن، پر سڀني ڌرين جو اعتماد، مسلسل رابطا ۽ اهڙو متفقه حل ضروري آهي، جيڪو خطي ۾ امن ۽ عالمي واپار جي آزاديءَ کي يقيني بڻائي. عباس عراقچي جو اسلام آباد جي ڪردار تي اطمينان جو اظهار پاڪستان لاءِ سفارتي موقعو ضرور آهي، پر ان موقعي کي عملي نتيجن ۾ تبديل ڪرڻ وڌيڪ اهم آهي. پاڪستان کي اي سي او جي چيئرمين شپ دوران تنظيم جي فيصلن تي عملدرآمد، ميمبر ملڪن وچ ۾ واپار وڌائڻ، سرحدي سهولتن کي آسان بڻائڻ، گڏيل توانائي منصوبن کي اڳتي وڌائڻ ۽ علائقائي رابطن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ واضح حڪمت عملي جوڙڻي پوندي. خاص طور تي پاڪستان کي ايران سان واپاري لاڳاپن، سرحدي واپار، توانائيءَ جي منصوبن ۽ وچ ايشيائي ملڪن تائين رسائيءَ کي پنهنجي معاشي پاليسيءَ جو اهم حصو بڻائڻ گهرجي. ساڳئي وقت افغانستان وسيلي وچ ايشيا تائين واپاري رستا کولڻ ۽ گوادر بندرگاهه کي علائقائي واپار سان ڳنڍڻ به اهميت رکي ٿو. جيڪڏهن اي سي او جا اسٽريٽجڪ مقصد 2035ع تائين رڳو دستاويزن ۽ پڌرنامن تائين محدود رهيا ته انهن مان عوام کي ڪو خاص فائدو نه ملندو. پر جيڪڏهن ميمبر ملڪ سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي عملي تعاون ڪن ٿا ته هي خطو عالمي معيشت ۾ پنهنجو مضبوط ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. دنيا ۾ جاري جنگين ۽ طاقتور ملڪن جي مفادن واري سياست ثابت ڪيو آهي ته ڪنهن به ملڪ جي معاشي سلامتيءَ کي عالمي امن کان الڳ نٿو ڪري سگهجي. تنهن ڪري پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته هو اي سي او جي پليٽ فارم کي رڳو سفارتي ڪاميابيءَ طور پيش ڪرڻ بدران علائقائي امن، اقتصادي خودمختياري، توانائيءَ جي سلامتي ۽ عوامي خوشحاليءَ جو عملي ذريعو بڻائي. اسلام آباد پڌرنامي جي اصل ڪاميابي تڏهن هوندي، جڏهن ان جا واعدا واپار ۾ واڌ، روزگار جي نون موقعن، سستي توانائي، معاشي استحڪام ۽ عام ماڻهن جي بهتر زندگيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا. جنگ بدران ڳالهين، مقابلي بدران سهڪار ۽ معاشي پابندين بدران گڏيل ترقيءَ جو رستو اختيار ڪرڻ ئي خطي جي ملڪن لاءِ پائيدار امن ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو.

ايم پي اي اسفنديار ڪرل بيوس؟.......يا 10ڏينهن کان روڊ تي ويٺل آصف لاڪائي بيوس؟.......

ليکڪ صحافي وفا جاگيراڻي.............!

ڏهن ڏينهن کان بي يارو مددگار استاد، سڙندڙ ميڻ بتيون، نياڻين جا آنهون ۽ ايم پي اي جي بيوسي

گمبٽ جي پيٽائي چوڪ تي لڳل اها احتجاجي ڪيمپ ڪنهن هڪڙي گهر يا خاندان جي بقا جي جنگ ناهي، پر هي ان تاريخ، سڃاڻپ ۽ انسانيت جو ماتم آهي، جنهن کي قانون ۽ اختيار جي ترازو ۾ توليو پيو وڃي. ڳوٺ وڏا لاڪا، جتي صديون ساهه کڻندي گذريون آهن، اڄ اتا جي گلال (ڪنير) برادري جا 6 گهر پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي بي گهر ٿيڻ جي در تي بيٺا آهن.

هي ڪو عام مسئلو ناهي،،،هي ان مٽيءَ جو قصو آهي جنهن سنڌي شاعريءَ کي "نظر لاڪائي" جهڙو ناميارو ۽ عظيم شاعر ڏنو. جنهن گهر ۾ صدين کان شاعري، علم ۽ محبت جنم ورتو، اڄ ان ئي گهرجي بقا لاءِ نظر لاڪائي جو پٽ، آصف لاڪائي (جيڪو پاڻ هڪ نفيس، انسان دوست ۽ تعليم دان آهي) گذريل ڏهن ڏينهن کان گمبٽ جي پيٽائي چوڪ تي بي يارو مددگار احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ويٺو آهي ۽ اڄ ان پٽ جون اکيون ان ڏک کان روئي رهيون آهن ته هو پنهنجي والدين جو اجهو جنهن ۾ هو پنهنجي پيءُ سان ڪچهرو هٽندو هو جنهن جي چُلهه تي پنهنجي امڙ جيجا سان هو ڪچهري دوران چانهه پيئندو هو، جنهن اجهي ۾ اڄ به اهي ٽهڪ گونجن ٿا جيڪي خوشين ۾ ڏنل هئا اهي سموريون پنهنجي ننڍپڻ جون يادون ۽ معصوم ٻارن جي سر تان ڇت بچائي نه پيو سگهي.

احتجاج جا اهي دردناڪ منظر گذريل ڏهن ڏينهن کان هن ڪيمپ تي جيڪي منظر سامهون آيا آهن، اهي ڪنهن به حساس دل انسان کي اندر کان ڏقائي ڇڏڻ لاءِ ڪافي آهن.

استاد جا لڙڪ،،،هڪ اهڙو استاد جيڪو پنهنجي شاگردن کي هميشه حوصلا ڏيندو هو، اڄ پنهنجي ئي ٻارن جي مستقبل ۽ گهر بچائڻ لاءِ ڪيمپ تي بيوسيءَ جا لڙڪا لاڙي رهيو آهي.

شاگردن ۽ نياڻين جو سهارو، صادق پبلڪ اسڪول جا معصوم شاگرد ۽ ناميارو شاعر نظر لاڪائي جا پڙهائل شاگرديا ڻيون رات جو ان ڪيمپ تي پهتيون انهن هٿن ۾ ميڻ بتيون کڻي اونداهين جي خلاف روشنيءَ جو انوکو احتجاج لڙڪ لاڙيندي ڪيو.

قرآن پاڪ جو مقدس واسطو،،، ڳوٺ جون اهي بيوس نياڻيون ۽ عورتون پنهنجا گهر بچائڻ لاءِ هٿن ۾ قرآن پاڪ کڻي روڊن تي نڪري آيون، پر پوءِ به ظالم سسٽم جي ڪنڌ تي جونءَ تائين نه چُرهي.

ايم پي اي جي بيوسي يا ووٽ جي سوداگري؟ سڀ کان وڏو ۽ دل کي چيريندڙ سوال اهو آهي ته آخر حد جو ايم پي اي ڪٿي آهي؟ جنهن جو پنهنجو هائوس گمبٽ ۾ چند منٽن جي فاصلي تي آهي، اهو ڏهن ڏينهن کان هلندڙ هن دردناڪ احتجاج ۾ هڪ دفعو به لڙي نه آيو.

ڇا اها ايم پي اي جي مجبوري آهي ته ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ لاڪا برادري جو ووٽ فيڊ بيڪ گهڻو آهي، ۽ اهي ڇهه گهر (گلال برادري) اقليت ۾ آهن. ان ڪري انهن جا ووٽ اهميت نٿا رکن؟ ڇا سياست ۾ انسان جي تڙپ، استاد جي لڙڪن ۽ نياڻين جي هٿن ۾ قرآن پاڪ جي ڪا به حيثيت صرف ان ڪري ناهي هوندي جو اهي ووٽن جي انگن اکرن ۾ ٿورا آهن؟

جيڪڏهن اقتدار ۽ ووٽ جي بيمار سياست انسان کان پنهنجي ئي شهر جي هڪ استاد جو درد کسي وٺندي آهي، ته پوءِ اهڙي نمائندگي تي افسوس آهي. ايم پي اي جي اها خاموشي ۽ بي رخي ثابت ڪري ٿي ته هن لاءِ انسان نه، پر صرف ووٽ اهم آهن. هو پنهنجي سياسي نفعي نقصان جي توريت ۾ ايترو ته انڌو ٿي چڪو آهي جو ڪيس اهو به نظر نٿو اچي ته هڪ استاد، جيڪو پنهنجي شاگردن کي اکر پڙهائيندو هو، اڄ پنهنجي حقن لاءِ روئي رهيو آهي.

نظر لاڪائي جو خاندان ۽ اهي ڇهه گهر صرف سرون ناهن، پر هي سنڌ جي ثقافت، علم ۽ تاريخ جو حصو آهن. جيڪڏهن اڄ آصف لاڪائي جهڙو استاد پنهنجي گهر لاءِ روئڻ تي مجبور ٿيندو، ته پوءِ هن سماج ۾ ڪنهن جو به گهر محفوظ نه رهندو. تاريخ هن بيوسيءَ کي، هن خاموشيءَ کي ۽ هن ظالم سسٽم کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي.

بئريسٽر اسفنديار ڪرل نوجوان ايم پي اي آهي ان کي ڪئمپ تي اچي ڪري احتجاج ۾ ويٺل استاد آصف لاڪائي سان يڪجهتي ڪرڻ گهرجي جئين سياسي ماڻهو جو جو قديمي عڪس مٽائي نئوسياسي باب جي شروعات ڪري...

ڳوٺ وڏا لاڪا جي لاڪا برادري کي به سوچ ڪرڻ گهرجي ته انسانيت جو درد رکندڙ ماڻهو پکين جو آکيرو به ڊاهڻ جو ناهي سوچيندو ته ايترو تڪڙو ۽ پختو لاڪا برادري ڪئين ٿي ڪري ته گلال برادري جا گهر ڊاهن....!

اگر لڪا برادري چوي ته اسان نٿا چاهيون ته گهر ڊهن پر روينيو ڊپارٽمينٽ ٿو ڊاهي اهو به هڪ عجيب جواب آهي،اگر روينيو ڊپارٽمينٽ ٿو ڊاهي ته انهن کي شڪايت ڪنهن ڪئي؟ اگر لاڪا برادري شڪايت ناهي ڪئي ته ڊي سي خيرپور کي سموري ضلعي ۽ اي سي سوڀوديرو کي سموري تعلقي ۾ صرف ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ رهندڙ گلال برادري جا گهر نظر آيا؟

انڌير نگري چرپٽ راج ....

ڇا اسلام آباد ۾ ريفرنڊم بابت ڳالهيون ٿي رهيون آهن؟

اعجاز ممنائي

اسلام آباد ۽ نواب شاهه جي سياسي حلقن ۾ ٿيل ملاقات هن وقت سڀ کان وڌيڪ بحث هيٺ آهي، جڏهن وفاقي وزير داخلا محسن نقوي اوچتو نواب شاهه پهتو ۽ صدر مملڪت آصف علي زرداري سان زرداري هائوس ۾ تقريبن 59 منٽ ڊگهي ملاقات ڪيائين. هي دورو باضابطه شيڊول ۾ شامل نه هو، انهيءَ ڪري ان کي "هنگامي" ۽ "غير معمولي" چيو پيو وڃي. ذرائع موجب محسن نقوي اسلام آباد کان خاص جهازن ذريعي نواب شاهه ايئرپورٽ پهتو، جتي صوبائي وزير داخلا ضياءُ الحسن لنجار، صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز حاجي علي حسن زرداري، ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي ۽ ايس ايس پي ڊاڪٽر سمير نور چنا سندس استقبال ڪيو. سخت سيڪيورٽي ۾ کيس زرداري هائوس وٺي ويا. ملاقات کان پوءِ هو ساڳئي جهازن سان واپس اسلام آباد روانو ٿي ويو. زرداري هائوس جي ذريعن جو دعويٰ آهي ته محسن نقوي ڪنهن "اهم وڏي شخصيت جو پيغام" کڻي آيو هو ۽ صدر زرداري کي اعتماد ۾ وٺڻ مقصود هو. ميڊيا رپورٽن موجب ملاقات ۾ ٽي وڏا موضوع بحث هيٺ آيا جن ۾ نوان صوبا قائم ڪرڻ، نئين صوبن تي ريفرنڊم ڪرائڻ جو امڪان، جمعيت علماءِ اسلام (ف) خلاف ممڪن ڪارروائي

اهڙي طرح ذريعن اهو به ٻڌايو ته ملاقات ۾ موجوده سياسي صورتحال، 16 ڊسمبر تي قومي اسيمبلي جي اجلاس ۽ 28 هين آئيني ترميم تي به خيالن جي ڏي وٺ ٿي. صدر زرداري اپوزيشن پارٽين سان ڳالهين ذريعي معاملا حل ڪرڻ تي زور ڏنو. ملاقات کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ محسن نقوي لاهور ۾ نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (NCCIA)هيڊڪوارٽر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نئين صوبن جي معاملي تي ريفرنڊم جي تجويز ڏني. هن چيو ته "منهنجي سيني سياسي پارٽين کان صرف اها درخواست آهي ته هي اهڙو مسئلو آهي جنهن تي ريفرنڊم ڪرائي وٺو. عوام جي راءِ وٺي وٺو، جيڪڏهن عوام نه ٿو چاهي ته مان به چوندس ته صوبا نه ٺاهيو." هن وڌيڪ چيو ته سياسي پارٽيون نئين صوبن بابت عوامي سروي ڏسي وٺن، سروي نئين صوبن جي حق ۾ اچي رهيا آهن، ۽ ريفرنڊم سان هي ڊگهي بحث ختم ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته پارٽيون ان تي مختلف موقف رکن ٿيون. محسن نقوي اهو به چيو ته هو ۽ پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سسٽم جي "ري سيٽ" جي معاملي تي هڪ صفحي تي آهن، سڀ پارٽيون اهم آهن ۽ ڪو به فيصلو اختلاف سان نه ٿيندو. اهو ئي پس منظر آهي جنهن ۾ سنڌس صدر زرداري سان ملاقات کي جوڙي ڏٺو پيو وڃي. رپورٽن ۾ اهو دعويٰ به سامهون آيو آهي ته پاڪستان کي 12 صوبن ۾ ورهائڻ جي تجويز زير غور آهي ۽ ان کان اڳ ملڪ گير ريفرنڊم ۽ پوءِ ممڪن 28 هين آئيني ترميم جو تصور پيش ڪيو پيو وڃي. محسن نقوي پهريون پيرو 31 جولاءِ تي پاڪستان اڪنامڪ سمٽ 2026 ۾ نئين انتظامي يونٽن يا صوبن جي ڳالهه ڪري چڪو آهي، جتي هن چيو هو ته موجوده گورننس ماڊل ڏهاڪن تائين خدمتون ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو آهي ۽ نظام "ڪولپس" ڪري چڪو آهي، ان کي ٻيهر ترتيب ڏيڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ته جمعي تي ايوان صدر انهن خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي. ترجمان موجب صدر زرداري ۽ محسن نقوي جي ملاقات ۾ صوبن سان لاڳاپيل ڪا ڳالهه نه ٿي. بيان ۾ چيو ويو ته "وزير داخلا جي صدر سان ملاقات دوران صوبن سان لاڳاپيل معاملن تي ڳالهه ٻولهه بابت ميڊيا رپورٽن ۾ ڪا به صداقت ناهي. ملاقات ۾ قومي سلامتي ۽ علائقي جي صورتحال تي ڳالهه ٿيو، صوبن سان لاڳاپيل ڪا ڳالهه نه ٿي." يعني سرڪاري موقف ۽ ميڊيا ذريعن جي دعوائن ۾ واضح تضاد آهي. پيپلز پارٽي هن وقت وفاقي حڪومت جي اهم اتحادي آهي ۽ هوءَ سنڌ جي ورهاڱي تي سخت مخالف موقف رکي ٿي. انهيءَ ڪري نئين صوبن، ريفرنڊم ۽ آئيني ترميم جهڙن معاملن تي صدر زرداري کي اعتماد ۾ وٺڻ حڪومت لاءِ انتهائي اهم سمجهيو وڃي ٿو. نواب شاهه ۾ ٿيندڙ هي خاموش ۽ اوچتو ملاقات، پوءِ محسن نقوي جو ريفرنڊم وارو بيان، ۽ ٻئي ڏينهن ايوان صدر جي ترديد، اهي سڀ گڏجي اهو تاثر پيدا ڪن ٿا ته پردي پويان ڪنهن وڏي سياسي پيش رفت يا آئيني ترتيب تي مشاورت جاري آهي، پر اڃا تائين ڪو حتمي سرڪاري فيصلو سامهون نه آيو آهي.

بقايا *** 01

ڻ لاءِ تيار ناهي. نظام کي ٻيهر ترتيب ڏيڻي پوندي ته جيئن حقدار کي سندس حق ملي سگهي. مان پاڻ به نظام جي ڪِرڻ جو ذميوار آهيان. هن چيو ته اسان کي غير سياسي نه، پر سياسي ري سيٽ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن نظام کي سياسي طور ري سيٽ ڪرڻو آهي ته ان جي شروعات پارليامينٽ کان ڪئي وڃي. اپوزيشن کي پارليامينٽ تي بلڪل به اعتماد ناهي. اپوزيشن جو اعتماد بحال ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين چيو ته اسان کي سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻو پوندو، اڄ نه ته سڀاڻي ائين ڪرڻو ئي پوندو، اوهان پي ٽي آءِ وٽ وڃو ۽ ڳالهه ٻولهه ڪريو. جيڪڏهن اهي دهشتگرديءَ خلاف جنگ لاءِ تيار آهن ته گورنر راڄ ختم ٿي سگهي ٿو هن چيو ته مان پي ٽي آءِ جي باني کي سياسي قيدي سمجهان ٿو جيڪو به وزيراعظم بڻجي ٿو اهو جيل وڃي ٿو ڇا مان اهو مڃان ته سڀئي وزيراعظم چور هئا يا اهو سياسي انتقام آهي؟ مان اهو ڏينهن ڏسڻ چاهيان ٿو، جڏهن ڪو وزيراعظم بڻجي ته کيس بعد ۾ جيل نه وڃڻو پوي. بلاول ڀٽو چيو ته مولانا فضل الرحمان جي ذميواري آهي ته هو اسان تي تنقيد ڪري. حڪومت کي مولانا فضل الرحمان جو اعتماد بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. مولانا فضل الرحمان پي ڊي ايم ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو، ان ڪانسواءِ اوهان اقتدار جي ڪرسيءَ تي نه هجو ها. هن چيو ته حڪومت تي تنقيد ڪرڻ اپوزيشن جي ذميواري آهي، انتقامي ڪارروايون بند ٿيڻ گهرجن. پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين چيو ته اپوزيشن کان مخصوص سيٽون کسي به ترميمون منظور ڪرايون وين، هاڻي ٽين ترميم به ڪرائڻ وڃي رهيا آهن. مڪمل اتفاق راءِ نه هجڻ باوجود 26هين ترميم باهمي رضامنديءَ سان منظور ڪئي وئي، پر 27هين ترميم اتفاق راءِ يا باهمي رضامنديءَ بدران جبري اڪثريت سان منظور ڪرائي وئي. هن چيو ته 27هين ترميم ڪانپوءِ سينيئر ججن استعيفائون ڏنيون، ججن جي استعيفائن مان واضح ٿي ويو ته سندن اعتماد ختم ٿي چڪو آهي. اسان کي سڀ کان پهرين عوام جو ادارن تي اعتماد بحال ڪرڻو پوندو هر اداري جيڪو اعتماد وڃايو آهي، اهو ٻيهر بحال ٿيڻ گهرجي. بلاول ڀٽو چيو ته ميڊيا سان گڏ پارليامينٽ به سڀ کان اهم ادارو آهي. پارليامينٽ پاڪستان جو طاقتور ادارو آهي، جتي اختلاف راءِ هجڻ گهرجي. اسان پارليامينٽ ۾ ڪنهن به مسئلي تي اختلاف ڪري سگهون ٿا، پر پارليامينٽ جو مسئلو اهو آهي ته اپوزيشن کي اسان جي پارليامينٽ تي اعتماد ئي ناهي. پارليامينٽ تي اعتماد بحال ڪرڻ جي سڀ کان وڏي ذميواري حڪومت جي آهي. هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته اسان جو عدالتي نظام ڊيبر ناهڻ لاءِ نه ڪري. جڏهن مرض هڪ هجي ۽ علاج ٻيو ٻڌايو وڃي ته اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ زبردستي بحث ڪرايو پيو وڃي، پارليامينٽ ته پري جي ڳالهه، ڪابينا ۾ به ان معاملي تي بحث نه ٿيو بلاول ڀٽو چيو ته اسان شهباز شريف کي وزيراعظم بڻايو، مان چاهيندس ته هو ڪامياب ٿئي، وزيراعظم وٽ ايترو اختيار هجڻ گهرجي جو هو پنهنجي وزير کي ڪنٽرول ڪري سگهي. جڏهن اهڙا ڪم پٺين دروازي کان ڪيا وڃن ٿا ته اهي هميشه لاءِ ناهن هوندا. نه وزيراعظم ۽ نه ئي ڪابينا صوبن بابت ڪا ڳالهه ڪئي آهي. بلاول ڀٽو جو چوڻ هو ته شايد تاريخ ۾ اسان جو ميڊيا ايترو ڪمزور ڪڏهن به نه ٿيو آهي، جيترو اڄ آهي. جيڪڏهن اوهان کي اهو خوف آهي ته سچ ڳالهائڻ تي ڪارروائي ٿيندي ته پوءِ ڪم ڪيئن ڪري سگهندؤ؟ صحافين وٽ اها طاقت هجڻ گهرجي، جيڪا سندن حق آهي. هن چيو ته مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترا خراب معاشي حالات ناهن ڏٺا. جنهن تيزيءَ سان مهانگائي وڌي رهي آهي، ان ۾ گذارو ڪيئن ٿيندو؟ مون کي غريب ۽ پٺتي پيل طبقن جي حالتن بابت ڳڻتي آهي. پاڪستان جا سياستدان عوام جا مسئلا وساري چڪا آهن. اهي نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست ڪن ٿا، پر عوام جي مسئلن تي ڌيان نٿا ڏين. پاڪستان ۾ ڪرپشن بنيادي مسئلو آهي، پر ان کي ختم ڪرڻ ۾ ڪنهن جي به دلچسپي نظر نٿي اچي. هن چيو ته جيستائين اليڪشن ڪميشن تي اعتماد نه هوندو، تيستائين چونڊن تي به اعتماد نٿو ٿي سگهي. پاڪستان ۾ ڪرپشن هڪ بنيادي مسئلو آهي، پر ان جي حل لاءِ ڪا به خاص توجهه نه پئي ڏني وڃي. پاڪستان ۾ ڪرپشن ڪرڻ جو سڀ کان آسان طريقو اهو آهي ته رياست سان گڏ ويهي وڃو اوهان جيڪو به ڪريو، پر رياست سان گڏ ويٺل هجو ته اوهان کان ڪو به پڇاڻو نه ڪندو اڄ مان تنقيد ڪري رهيو آهيان، متان مون کي بدعنوان يا ملڪ دشمن قرار ڏنو وڃي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پيپلز پارٽي ملڪ ۾ عوام جي خواهشن، آئين ۽ قانون موجب صوبا ٺاهڻ جي حمايت ڪري ٿي. جيڪڏهن زبردستي سنڌ جي ورهاست ڪئي وئي ته ڪراچيءَ جي روڊن تي وهندڙ رت بابت سوال پڇيا ويندا. هن چيو ته زبردستي صوبي جي ورهاست ڪئي وئي ته سماج ۾ ورهاست پيدا ٿيندي، جيڪا دشمنيءَ تائين پهچي ويندي. عام ماڻهو هٿيار کڻندا ۽ اهو خونريز سلسلو هڪ خونريزيءَ تائين محدود نه رهندو. جيڪڏهن زبردستي ڪئي وئي ته سنڌ ۾ ڀاءُ ڀاءُ کي قتل ڪندو. مان خونريزي ڏسڻ نٿو چاهيان. عوام جي حمايت سان جيڪو به صوبو ٺاهيو ويندو، اسان ان سان گڏ آهيون. هن چيو ته ڳالهه ريفرنڊم جي نه، پر نيت جي آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ غير جمهوري ڪم لاءِ ريفرنڊم ڪرايو ويو آئين ۾ صوبو ٺاهڻ جو طريقو موجود آهي. اهڙي تجويز ڏيڻ جو مطلب به ڇڻ غير آئيني رستو ڳولڻ آهي. پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين چيو ته مون کي خبر ناهي ته محسن ڀاءُ ڇا ڪرڻ چاهي ٿو جتي تائين نوان صوبا ٺاهڻ جو تعلق آهي، مون سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن صوبا ٺاهڻا آهن ته آئيني، جمهوري ۽ قانوني طريقيڪار اختيار نه ڪيو ويو آهي. هن چيو ته صوبن کي جيڪي مالي وسيلا ملڻ گهرجن، اهي ناهن مليا. اوهان صوبن جي وسيلن تي ڌاڙو هڻو ٿا، پوءِ پڇو ٿا ته صحت جو نظام ڪمزور ڇو آهي ۽ روڊ ٽٽل ڇو آهن؟ صوبائي حڪومتون نه، پر وفاقي حڪومت ذميوار آهي ته پاڪستان جي عوام تي پئسو ڇو خرچ نه پيو ٿئي.

پيٽروليم ليوي ۾ صوبن جو حصو لڳ ڀڳ 1.7 ٽريلين روپيا ٿئي ٿو، جيڪو کين نٿو ڏنو وڃي. بلاول ڀٽو چيو ته ڪراچيءَ کي گاديءَ جو هنڌ بڻائڻ جو فيصلو به ماضيءَ ۾ زبردستي ڪيو ويو هو ون يونٽ قائم ٿيڻ باوجود سنڌ جي عوام مزاحمت ۽ جدوجهد جاري رکي. هن چيو ته مان اهڙو فيصلو ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن بابت سڀاڻي به عوام آڏو وڃي چونڊون وڙهي سگهان. نون صوبن جون تجويزون ڏيندڙ ڪجهه ماڻهو ڪڏهن به چونڊون ناهن کٽيا. سندن سياسي مستقبل جو دارومدار عوام جي ووٽ تي ناهي. جتي عوام جو مطالبو آهي ته صوبا ٺاهيا وڃن. اتي ڪنهن وفاقي وزير جو ڌيان ئي ناهي.

بقايا *** 02

۾ شهرين ۽ انساني همدردي جي بنياد تي ڪم ڪندڙ ڪارڪنن جي زندگين کي خطرو وڌي رهيو آهي. جڏهن ته طبي شعبي جي دوائن ۽ ضروري طبي سامان جي شديد کوٽ پيدا ٿي وئي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق گڏيل قومن جي انساني معاملن واري اداري (او سي ايڇ اي) گذريل ڏينهن جاري بيان ۾ ٻڌايو آهي ته اسرائيل رفح ۾ گڏيل قومن جي قيادت ۾ هلندڙ ٻارڻ جي هڪ قافلي جي انتهائي ويجهو فضائي حملا ڪيا. او سي ايڇ اي گڏيل قومن جي عملي ۽ انهن جي گاڏين خاص طور تي ٻارڻ کڻي ويندڙ گاڏين ويجهو حملن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته اهڙي طرح جي ڪارروائين امدادي ڪارڪنن کي سخت خطرن ۾ وجهي ڇڏيو آهي. بيان ۾ زور ڀريو ويو آهي ته شهرين خاص ڪري انساني همدردي جي ڪارڪنن جو هر حال ۾ تحفظ يقيني بڻائڻ گهرجي. غزه جي خراب ٿيندڙ طبي صورتحال جي حوالي سان او سي ايڇ اي ٻڌايو ته صحت جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ شراڪتدارن آگاهه ڪيو آهي ته سمورن دوائن ۾ اٽڪل 42 سيڪڙو جو ذخيرو تقريبن ختم ٿي ويو آهي. ڪيموٿراپي لاءِ ضروري دوائن ۾ اٽڪل 55 سيڪڙو دستياب ناهن، اوپن هارٽ سرجري ۽ ڪارڊيڪ ڪيٿيٽرائيزيشن لاءِ گهربل طبي سامان مان اٽڪل 73 سيڪڙو ختم ٿي ويو آهي.

بقايا *** 03

ڪابينا جي ڊپٽي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير رشيد ميريدوف پرڏيهي معاملن واري وزارت ۾ ٻطرفي ملاقات ڪئي جنهن ۾ انهن پاڪستان ۽ ترڪمانستان جي وچ ۾ ڊگهي عرصي کان هلندڙ ڀائراڻن لاڳاپن جو جائزو ورتو ۽ مختلف شعبن ۾ گڏيل تعاون کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب اها ملاقات پاڪ-ترڪمانستان گڏيل بين الحڪومتي ڪميشن جي ڇهين اجلاس کان اڳ ٿي، ٻنهي پرڏيهي وزيرن واپار، سيڙپڪاري، توانائي، علائقائي رابطن ۽ عوامي سطح تي اچ وڃ سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ جي طريقن تي پڻ غور ڪيو ٻنهي اڳواڻن علائقائي صورتحال سان لاڳاپيل معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ان ڳالهه تي زور ڏنو ته التوا ۾ پيل مسئلن جي حل ۽ خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي قيام جي لاءِ ڳالهيون ۽ سفارتڪاري ئي قابل عمل ذريعا آهن. ترڪمانستان جي پرڏيهي وزير رشيد اويزگلديوچ ميريدوف علائقائي امن ۽ استحڪام کي فروغ لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار ۽ ان جي مسلسل سفارتي ڪوشش کي ساراهيو.

بقايا *** 04

ن بن جاسم آل ثاني ۽ مصر جي هم منصب ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي ڌار ڌار ٽيليفون تي رابطي ۾ علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. پرڏيهي ميڊيا مطابق سعودي عرب ۽ مصر جي پرڏيهي وزيرن سعودي عرب ۽ مصر جي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۽ مختلف شعبن ۾ انهن کي ترقي ڏيارڻ جي طريقن تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي. رابطي دوران علائقائي صورتحال تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي، مسلسل هم آهنگي ۽ مشاورت جي اهميت تي زور ڀريو ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي لاءِ سفارتي ڪوشش جي حمايت ڪئي. شهزاده فيصل بن فرحان ۽ قطر جي پرڏيهي وزير تازو علائقائي صورتحال ۽ ان حوالي سان جاري ڪوششن تي ڳالهيون ڪيون، جنهن جو مقصد ڇڪتاڻ کي گهٽ ڪرڻ ۽ خطي ۾ سلامتي ۽ استحڪام کي برقرار رکڻ آهي.

بقايا *** 05

ڪيو. ملاقات دوران گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن، علائقائي سلامتي ۽ دفاعي سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته ٻنهي ڌرين پاڪستان ۽ برطانيا وچ ۾ ڊگهي عرصي کان قائم خوشگوار لاڳاپن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ ٻه طرفي فوجي سهڪار وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. فيلڊ مارشل عاصم منير برطانيا سان دفاعي لاڳاپن کي وڌيڪ وڌائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. جڏهن ته برطانوي چيف آف جنرل اسٽاف پاڪ فوج جي پيشورانه صلاحيتن کي ساراهيو. آءِ ايس پي آر موجب، برطانوي چيف آف جنرل اسٽاف علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪ فوج جي خدمتن جو به اعتراف ڪيو.

بقايا *** 06

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ترجمان جو چوڻ آهي ته اپريل 2026 تائين 6 هزار ٻار حڪومت جي بي وسي سبب ايڇ آءِ وي ايڊز جو شڪار ٿيا. نون صوبن جي تحريڪ روڪڻ ۾ ناڪام پيپلز پارٽي پنهنجا هوش حواس وڃائي ويٺي آهي. ايم ڪيو ايم ترجمان موجب نون صوبن جي جوڙجڪ سان پيپلز پارٽي کي نه صرف سوا 2 هزار ارب روپيه ساليانو هٿن مان نڪرڻ جو ڊپ آهي پر وفاق ۾ حڪومت ٺاهڻ جو وارو نه لڳڻ جو به ڊپ آهي. هن وڌيڪ چيو ته هاڻ تبديلي جو وقت آهي انشاءَالله عوام کي سهولتون سندن در تائين پهچايون وينديون.

بقايا *** 07

هي، مالياتي پائيداري حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙين پاليسين کان پاسو ڪرڻ گهرجي جيڪي عوام کي موسمياتي اثرن جو تحفظ فراهم ڪرڻ جي ڪوشش کي ڪمزور ڪن. انطاليه ۾ پاڪستان پويلين ۾ ڪفايت شعاري جي موضوع تي پارلياماني بحث کي خطاب ڪندي هن چيو ته ماضي ۾ ڪفايت شعاري جي پاليسين جي نتيجي ۾ ٽيڪسن ۾ اضافو ٿيو ۽ موسمياتي ترقي جي عمل کي نقصان پهتو بحث ۾ پاڪستان، اٿوپيا، يوگنڊا ۽ جاپان جي پارلياماني اڳواڻن ۽ ماهرن شرڪت ڪئي. ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته موسمياتي تبديلين جي تناظر ۾ مالياتي ۽ ٽيڪس پاليسين کي هم آهنگ ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن مالياتي استحڪام سان گڏ عوام جي تحفظ ۽ موسمياتي لچڪ کي به يقيني بڻائي سگهجي. هن ٻڌايو ته بحث ۾ موسمياتي مالياتي پاليسين جي حوالي سان پنج اهم پارلياماني سفارشون پيش ڪيون ويون جن ۾ مالي ۽ ٽيڪس پاليسين کي موسمياتي اثرن سان هم آهنگ ڪرڻ، وڏن مالياتي فيصلن کان اڳ موسمياتي اثرن جو جائزو لازمي قرار ڏيڻ ۽ تجديد جوڳي توانائي جي پاليسي کي مستحڪم بڻائڻ لاءِ قابل سفارشون شامل آهن. وفاقي وزير چيو ته صاف توانائي ۾ سيڙپڪاري ڪندڙ گهراڻن ۽ ڪاروباري ادارن جي حوصلي شڪني بدران انهن جي مدد ڪرڻ گهرجي جڏهن ته موسمياتي هڪجهڙائي رڳو خرچن بدران پيداواري سيڙپڪاري طور تي تسليم ڪرڻ گهرجي. هن موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ موسمياتي لچڪدار زراعت، پاڻي جي بهتر انتظام ۽ (ارلي وارننگ) تي سيڙپڪاري جي ضرورت تي به زور ڀريو ڊاڪٽر مصدق ملڪ عالمي قرضن جي نظام ۾ سڌارن جي ضرورت کي به اجاگر ڪندي چيو ته ڊيٽ فار ڪلائيميٽ سوئپس متعارف ڪرايون وڃن ته جيئن قرضن جي بار هيٺان دٻيل ملڪن کي موسمياتي قدمن لاءِ وسيلا فراهم ڪري سگهجن. آفتن سبب متاثر ملڪن کي رعايت مالي مدد ۽ قرضن جي ادائگي ۾ نرمي به ڏيڻ گهرجي. هن موسمياتي فنانسنگ جي حوالي سان پارلياماني نگراني مضبوط بڻائڻ ۽ موسمياتي مالي معاملن تي ساليانو رپورٽنگ لازمي قرار ڏيڻ جي سفارش به ڪئي.

بقايا *** 08

پرڏيهي معاملن واري وزارت پهتو جتي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سندس استقبال ڪيو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان جي "ايڪس" تي پوسٽ موجب ٻئي اڳواڻ ٻطرفي ملاقات ڪندا، جنهن ۾ پاڪستان ۽ ترڪمانستان جي وچ ۾ گڏيل لاڳاپن ۽ تعاون بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار ۽ ترڪمانستان جي پرڏيهي وزير رشيد ميردوف پاڪ-ترڪمانستان گڏيل بين الحڪومتي ڪميشن (جي آءِ سي) جي ڇهين اجلاس جي گڏيل صدارت پڻ ڪندا.

بقايا *** 09

جو ڇهون اجلاس جي پرڏيهي وزارت ۾ ڪاميابي سان پڄاڻي تي پهتو جنهن جي گڏيل صدارت نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ ترڪمانستان جي ڪابينا جي ڊپٽي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير رشيد ميريدوف ڪئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب اجلاس جي پڄاڻي تي ٻنهي ملڪن جي وفدن گروپ فوٽو پڻ ڪڍرايو.

بقايا *** 10

سون ۽ چاندي جي قيمتن ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو. بلومبرگ جي رپورٽ مطابق آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ (ڊبليو ٽي آءِ) تحت ڪچي تيل جا مستقبل جا سودا 73 سينٽ جي گهٽتائي سان 84.99 ڊالرز في بيرل جڏهن ته برينٽ ڪروڊ جا مستقبل جا سودا 64 سينٽ جي گهٽتائي سان 91.80 ڊالرز في بيرل ۾ طئي ٿيا. رپورٽ مطابق سون جي قيمت 19.82 ڊالرز جي اضافي سان 3,876 ڊالرز في اونس جڏهن ته چاندي جي قيمت 61 سينٽ جي اضافي سان 47.47 ڊالر في اونس تي وئي. ٻئي طرف زرعي جنسن جي عالمي مارڪيٽ ۾ عام طورتي گهٽتائي جو رجحان رهيو. مڪئي جي قيمت 50 سينٽ جي گهٽتائي سان 458.50 ڊالرز في بشل جڏهن ته ڪڻڪ جي قيمت 25 سينٽ جي گهٽتائي سان 600.75 ڊالرز في بشل ٿي وئي. اهڙي طرح ڪاٽن جي قيمت 5 سينٽ جي گهٽتائي سان 80.87 ڊالرز في پائونڊ رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته زنده چوپائي مال جي قيمت 55 سينٽ جي اضافي سان 224.25 ڊالرز في يونٽ ٿي وئي آهي.

بقايا *** 11

سلام آباد ۾ شامل ڪرڻ جي اطلاع ملي آهي. پنهنجي بيان ۾ ايمل ولي خان چيو ته هريپور کي ڌار ڪرڻ صرف انتظامي تبديلي نه آهي، صوبي جي آئيني حقن جو سنجيده سوال آهي. چوته هريپور ۽ صوابي ٻئي تربيلا ڊيم سان جغرافيائي طور سان جڙيل آهن ۽ تربيلا جي بجلي پيدا ڪندڙ جڳهيون سنڌو درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي موجود آهن هن چيو ته هريپور کي ڌار ڪرڻ جا اثر پهريان واضح ڪرڻ ضروري آهن. انهي قدم سان آئين جي آرٽيڪل 161(2) جي تحت خيبرپختونخواهه جي خالص پن بجلي منافعي جي حقن تي اثر پوندو. واضح ڪيو ويندو ته انهي تبديلي سان صوبي جي اين ايف سي ۾ حصي تي ڪهڙا اثر پوندا. صدر اين پي وڌيڪ چيو ته تبديلي سان صوبي جي وسيلن، آبادي، ايراضي ۽ ترقياتي حق متاثر ٿيندا. خيبرپختونخواهه جي جغرافيائي حدن ۾ تبديلي صوبائي اسيمبلي جي منظوري کان سواءِ ممڪن نه آهي.هن جو چوڻ آهي ته آئين جو آرٽيڪل 239(4) انهي حوالي سان واضح آهي. انتظامي اصلاحات عوام جي سهولتن ۽ بهتر حڪمراني جي لاءِ هجڻ گهرجن. اصلاحات وسيلن جي منصفاڻي ورهاست جي لاءِ هجن. صوبن جا حق غيريقيني بنائڻ جي لاءِ نه. هن جو چوڻ آهي ته آئين جو آرٽيڪل 239(4) انهي حوالي سان واضح آهي. انتظامي اصلاحات عوام جي سهولت ۽ بهتر حڪمراني جي لاءِ هجڻ گهرجن. اصلاحات وسيلن جي منصفاڻي ورهاست جي لاءِ هجي. صوبن جي حقن غير يقيني بنائڻ جي لاءِ نه. ايمل ولي خان مشورو ڏنو ته وفاقي حڪومت اهڙي ڪنهن به تجويز جا تفصيل پارليامينٽ جي سامهون رکي، تجويز جا قانوني بنياد ۽ مڪمل مالي، آئيني اثر عوام جي سامهون رکيا وڃن، خيبرپختونخواهه جي زمين، وسيلا ۽ آئيني حقن جو تحفظ گڏيل ذميواري آهي. حقن بابت ڪو به فيصلو صوبي جي عوام ۽ آئيني نمائندن کي نظر انداز ڪري نٿو ڪري سگهجي.

بقايا *** 12

او گهريو آهي. ٻين جي بيمارين جو مذاق اڏائيندڙ اڄ پاڻ جيل ۾ بيمار ٿي پيو هو هن چيو ته ميان نوازشريف جي سيل مان نانگ نڪرڻ جي ڳالهه هجي يا بيگم ڪلثوم نواز جي اسپتال تي حملو، ڳالهيون ٺاهيندڙ اڄ پاڻ مڪافات عمل جو شڪار آهن. جيل ۾ طبي سهولتون نه ملڻ جو ڊرامو ڪرڻ جي بند آهي. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جو اڊيالا جيل ۾ قيد جي دوران 8 پيرا باقاعده طبي ماهرين معائنو ڪيو جيل ڊيوٽي تي موجود ميڊيڪل عملو روزاني 3 وقت انهي جي طبي بنيادي اشاري (وائيٽل سائنز) چيڪ ڪندو آهي. جڏهن ته خصوصي ميڊيڪل بورڊز مختلف وقتن ۾ انهي جو تفصيلي معائنو ڪيو آهي. آگسٽ 2024ع ۾ ڏند جي سور ۽ بيچيني جي شڪايت تي دل جي ماهر ڊاڪٽرن انهي جو معائنو ڪيو ۽ دوائون لکي ڏنيون. فيبروري 2026 تي پنج رڪني ميڊيڪل ٽيم اڊيالا جيل ۾ انهي جي اکين ۽ بلڊ پريشر جو تفصيلي معائنو ڪيو. عظميٰ بخاري چيو ته 10 آگسٽ 2026 تي 4 رڪني ميڊيڪل بورڊ جيل ۾ انهي جو معائنو ڪيو ۽ انهي جي بلڊ پريشر جي دوا تبديل ڪئي. 20 ۽ 21 آگسٽ 2026 جي وچولي رات انهي کي پمز اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي اکين جي ماهرن ۽ ميڊيڪل بورڊز تفصيلي فٽنس رپورٽ جوڙي. پوءِ سيپٽمبر 2026 تي پمز ۽ شفا آئي اسپتال جي ڊاڪٽرن تي ٻڌل خصوصي ٽيم جيل ۾ انهي جي اکين، بلڊ پريشر، ڪوليسٽرول ۽ اکين جو معائنو ڪيو 10 ۽ 11 نومبر 2026 جي رات انهي کي فالو اپ علاج جي لاءِ پمز اسپتال آندو ويو جتي اکين جي ماهرن انهي کي اينٽي وي اي جي ايف انجيڪشن لڳايو. مختلف ميڊيڪل بورڊز ۾ ملڪ جا ڊاڪٽر شامل رهيا.

بقايا *** 13

ي ميرالي ۽ سندس گهرواري مرڪ شاهه وچ ۾ تڪرار واري معاملي جي شنوائي دوران اهم اڳڀرائي ٿي آهي. جتي ٻنهي ڌرين وچ ۾ ٺاهه ٿي ويو آهي.عدالت ۾ شمن علي ميرالي جي پيشي جي موقعي تي سندس مداح پڻ وڏي انگ ۾ پهچي ويا. جڏهن ته گذريل شنوائي تي عدالت فيصلو محفوظ ڪندي اڄ ٻڌائڻ جو اعلان ڪيو هو.اڄ مرڪ شاهه جي عدالت ۾ پهچڻ بعد عدالت فيصلو ٻڌايو. جنهن ڪانپوءِ شمن علي ميرالي ۽ مرڪ شاهه ٻنهي ڇڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي پاڻ ۾ ٺاهه ٿيڻ جي تصديق ڪئي. ان موقعي تي ٻڌايو ويو ته ٻنهي وچ ۾ ٺاهه ڪرائڻ ۾ سندن نياڻي ۽ پٽ رياض اهم ڪردار ادا ڪيو. جڏهن ته وڪيل گلزار احمد عالماڻي پڻ تصديق ڪئي ته ڌرين پاران لاڳاپيل ڪيسن تان هٿ کنيو ويو آهي. اهڙي ريت شمن علي ميرالي ۽ سندس گهرواري وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو معاملو ٺاهه ذريعي حل ٿي ويو آهي.

بقايا *** 14

اعيل افشاني گروپ جي انتهائي گهربل جوابدار سلمان عرف سلم عرف سلار کي گرفتار ڪري ورتو رينجرز ترجمان موجب گرفتار جوابدار وٽان هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيا ويا آهن ترجمان ٻڌايو ته جوابدار ٽارگيٽ ڪلنگ، اغوا براءِ تاوان، ڀتا خوري ۽ پوليس مقابلن جي ڪيترن ئي واقعن ۾ گهربل هو سندس نالو سي ٽي ڊي جي ريڊ بڪ ۾ پڻ شامل آهي. ترجمان موجب جوابدار 2011ع ۾ لياري گينگ وار جي بابا لاڏلا گروپ ۾ شامل ٿيو هو ۽ شروعات ۾ منشيات فروشي ۽ پڪٽ ڊيوٽي ڪندو هو. جوابدار پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏ مخالف گروپ تي گرنيڊ حملن ۽ پوليس تي فائرنگ جي ڪيترن ئي واقعن ۾ ملوث رهيو انهن حملن ۾ مخالف گروپ جا ماڻهو ۽ ڪيترائي واٽهڙو زخمي ۽ فوت ٿيا هئا. جوابدار خلاف ڪراچي ۽ اندرون سنڌ ۾ پوليس مقابلن سميت ٻين ڏوهن جا ڪيترائي ڪيس داخل آهن. رينجرز ترجمان موجب ڪراچي آپريشن دوران گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ جوابدار پهريان بلوچستان ۽ پوءِ پرڏيهه فرار ٿي ويو هو پرڏيهه مان فون ذريعي پنهنجن ساٿين سان رابطي ۾ رهندو هو ۽ ڪراچي ۾ ڀتا خوري ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ جهڙن ڏوهن ۾ سهڪار ڪندو رهيو. جوابدار تازو ئي ڪراچي واپس آيو هو ۽ پنهنجي گروپ کي ٻيهر منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو گرفتار جوابدار کي هٿيارن ۽ گولا بارود سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس حوالي ڪيو ويو آهي. رينجرز سنڌ شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته ڏوهاري عنصرن بابت فوري اطلاع ويجهي رينجرز چيڪ پوسٽ، هيلپ لائين 1101 يا رينجرز مددگار واٽس ايپ نمبر 03479001111 تي ڪال يا ايس ايم ايس ذريعي ڏين. ترجمان موجب اطلاع ڏيندڙ جو نالو راز ۾ رکيو ويندو.

بقايا *** 15

پاڪستان علما ڪائونسل جي چيئرمين صاحبزاده مولانا زاهد محمود قاسمي جي صدارت هيٺ تحفظ حرمين الشريفين جي موضوع تي ختم نبوت اسلامڪ ريسرچ سينٽر ۾ اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ حوثين پاران مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش جي مذمت ڪئي وئي. اجلاس ۾ قائدين چيو ته اهي حملا مسلمانن جي جذبن کي مجروح ڪن ٿا ۽ اسلامي تعليمات ۽ انساني اصولن جي ڀڃڪڙي آهن. چيئرمين ڳالهائيندي چيو ته رياض ۽ مڪه ريجن ڏانهن اڇلايل ڊرونز کي تباهه ڪرڻ تي سعودي فضائي دفاعي نظام جي قيادت کي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا. هن چيو ته مرڪزي پاڪستان علما ڪائونسل ۽ مسلمان امت خادم الحرمين الشريفين، سعودي عرب ۽ سعودي عوام سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا *** 16

ن وڌيڪ پوائنٽن جي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. ڪاروباري هفتي جي ٻئي ڏينهن اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزيءَ سبب 100 انڊيڪس هڪ لک 79 هزار 450 پوائنٽن جي سطح تي پهچي ويو واضح رهي ته گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڄاڻيءَ تي 100 انڊيڪس 309 پوائنٽن جي واڌ سان هڪ لک 78 هزار 182 پوائنٽن تي بند ٿيو هو.

بقايا *** 17

تان ريلوي جي ترجمان موجب حادثو اڄ صبح 5 لڳي 25 منٽن تي پيش آيو مال بردار ٽرين ڪراچي کان قلعي ستار شاهه وڃي رهي هئي ته فني خرابي سبب فيروزه ريلوي اسٽيشن ويجهو انجڻ سميت 7 پريل بوگيون پٽڙي تان لهي ويون. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته ملتان ۽ سکر مان رليف ڪرينون حادثي واري هنڌ روانيون ڪيون ويون آهن. اپ ٽريڪ بند ٿيڻ سبب ٽرينن جي آمدرفت ڊائون ٽريڪ ذريعي جاري آهي. ريلوي جا لاڳاپيل آفيسر ۽ عملو حادثي واري هنڌ موجود آهن. جيڪي بحاليءَ جي ڪم جي نگراني ڪري رهيا آهن.عنوان ۾ انجڻ ۽ شامل ڪريوحادثي جو وقت وڌيڪ فطري لکيوٽرين جو روٽ وڌيڪ واضح ڪريو

بقايا *** 18

تي ۽ سجاول ضلعن جي مجموعي سياسي صورتحال، انتظامي معاملن ۽ عوام کي درپيش بنيادي مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي علائقي جي عوامي مسئلن، ترقياتي ضرورتن ۽ ٻين اهم معاملن بابت آگاهه ڪيو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڳواڻن جا موقف ڌيان سان ٻڌا ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون.

بقايا *** 19

ٽيليگرام تي پابندي لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب اردن جي پبلڪ سيڪيورٽي اداري موجب ان فيصلي جو مقصد ڊجيٽل سيڪيورٽي کي مضبوط بڻائڻ، سائبر ڏوهن، ڌمڪين، بليڪ ميلنگ ۽ غير قانوني مواد جي تشهير روڪڻ آهي. اختيارين انتها پسندي جي پکيڙ ۽ قومي سلامتي کي درپيش خطرن جي روڪٿام لاءِ اهڙو قدم جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي عراق جي مواصلات واري ڪميشن ميڊيا ۾ اعلان ڪيو آهي ته وزيراعظم جي حڪم تي ملڪ ۾ ٽيليگرام جي استعمال تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. ڪميشن موجب ان قدم جو مقصد سوشل ميڊيا جي غلط استعمال ذريعي انتها پسندي کي روڪڻ، تشدد لاءِ ورغلائڻ ۽ نفرت ڦهلائڻ جي روڪ ٿام آهي. ڪميشن ٽيليگرام کي عراق جي قانون ۽ ضابطن موجب پنهنجون سرگرميون لاڳو ڪرڻ لاءِ 30 ڏينهن جي مهلت به ڏني آهي.

بقايا *** 20

سلامتي جي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، جڏهن ته گڏيل سلامتيءَ جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف طريقن تي پڻ غور ڪيو ويو فيلڊ مارشل عاصم منير علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ ويجهن رابطن، گڏيل اعتماد ۽ سهڪار جي اهميت تي زور ڏيندي پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ برادراڻن لاڳاپن ۽ سلامتيءَ جي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي علائقائي امن ۽ استحڪام جي واڌاري لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار کي ساراهيندي پاڪستان سان ٻه طرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. ملاقات ۾ پاڪستان ۽ ايران علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ ويجها رابطا ۽ سهڪار جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا *** 21

پرڏيهي شاگردن ۽ صحافين لاءِ ملڪ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ يا ڪم ڪرڻ جي مدي ۾ وڌيڪ سخت پابنديون لاڳو ڪرڻ هيو. پرڏيهي ميڊيا موجب ضلعي عدالت جي جج ڊينس سيلر ڪيس خارج ڪرڻ جي پنهنجي لکت واري حڪم ۾ چيو ته اها پاليسي غير معقول طرز عمل، اختيارن جي ناجائز استعمال ۽ ٻين حوالن سان قانون جي ابتڙ آهي. ويزا جا نوان ضابطا سيپٽمبر ۾ لاڳو ٿيڻا هيا جڏهن ته جج سيلر عارضي طور تي عمل در آمد روڪي ڇڏيو هيو ٽرمپ انتظاميه ان فيصلي خلاف اڳ ئي اعليٰ عدالت ۾ اپيل درج ڪري چڪي آهي. عدالت جو اهو فيصلو هڪ اهڙي ڪيس جي نتيجي ۾ سامهون آيو آهي جنهن ۾ ويزا پابندين کي چئلينج ڪيو ويو هيو اهو ڪيس يونيورسٽين، استادن ۽ صحافين جي نمائندگي ڪندڙ مختلف تنظيمن جي اتحاد داخلي سلامتي (ڊي ايڇ ايس) جي خلاف درج ڪيو هيو پنهنجي حڪم ۾ جج سيلر بنيادي طور تي ان ڳالهه جو جائزو ورتو ته ويزا جي نئين پاليسي عالمي شاگردن کي ڪهڙي طرح متاثر ڪري ٿي. جج چيو ته صاف لفظن ۾ چيو وڃي ته ادارو داخلي سلامتي ان سرگرمي جي روڪ ٿام يا حوصلو شڪني ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جي اجازت ۽ ان کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪانگريس قدم کنيا هيا يعني غير ملڪي شاگردن کي ملڪ ۾ تعليمي موقعا فراهم ڪرڻ آهي. هن چيو ته ان پاليسي جي نتيجي ۾ پرڏيهي شاگرد ڊگهي عرصي جي تعليمي پروگرامن ۾ داخلا نه وٺي سگهندا. جنهن ۾ پي ايڇ ڊي جا اهي پروگرام جن لاءِ ڪيترائي سال گهربل هوندا آهن. ان ڪانسواءِ گڏيل ڊگريون حاصل ڪرڻ ۽ تعليمي شعبو تبديل ڪرڻ به روڪيو ويندو.

بقايا *** 22

هي. پرڏيهي ميڊيا مطابق جاپان جي دفاع واري وزارت مطابق روس جي ٻن شڪي جهازن فوڪوٽوڪاپريفيڪچر ويجهو اوڪينو شيما ٻيٽ ويجهو جاپاني فضائي حدن جي ڀڃڪڙي ڪئي. جنهن تي جاپاني سيلف ڊيفنس فورسز ويڙهاڪ جهاز روانا ڪري ڇڏيا. جاپاني ڪابينا جي چيف سيڪريٽري ٻڌايو ته ٽوڪيو ان واقعي تي ماسڪو سامهون باضابطا سفارتي احتجاج ڪيو آهي. ان کان علاوه ڏکڻ ڪوريا جي جوائنٽ چيفس آف اسٽاف به اطلاع ڏنو آهي ته روسي فوجي جهاز مختصر وقت لاءِ ڏکڻ ڪوريا جي هڪ طرف قائم ڪيل فضائي دفاعي سڃاڻپ زون (ڪيڊز) ۾ داخل ٿيا. ڏکڻ ڪوريا ڪنهن غير متوقع صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجا جهاز فضا ۾ موڪليا. جڏهن ته ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته انهن جي فضائي حدن جي ڀڃڪڙي ناهي ٿي. رپورٽ مطابق آگسٽ ۾ به اهڙي نوعيت جو واقعو پيش آيو هو روس جو موقف آهي ته فضائي دفاعي سڃاڻپ زون ٻين ملڪن لاءِ ڪا به قانوني ذميواري لاڳو نه ٿو ڪري ۽ روسي فوجي جهازن جون سموريون اڏامون عالمي فضائي قانونن جي مڪمل پابندي تحت ٿينديون آهن.

بقايا *** 23

شاگردن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سڄي دنيا ۽ پاڪستان جي شاگردن پاران جمهوريت، آزادي ۽ بنيادي انساني حقن لاءِ ڏنل لازوال قربانين ۽ جدوجهد کي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي آهي. وزيراعليٰ هائوس ڪراچي مان جاري ڪيل پنهنجي خاص پيغام ۾ مراد علي شاهه چيو ته نازي آمريت خلاف آواز اٿاريندڙ شاگردن جون قربانيون انساني تاريخ جو هڪ سونهري ۽ اهم باب آهن. هن چيو ته پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ به شاگردن جو ڪردار انتهائي روشن رهيو آهي، جتي شاگرد تنظيمن آمريت خلاف ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جي تحريڪن ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪيو ۽ وڏي وزير سنڌ ماضيءَ جي ڏکين دورن جو ذڪر ڪندي چيو ته جنرل ضياءُ الحق جي آمريت خلاف جدوجهد ۾ شاگرد تنظيمن بي مثال ڪردار ادا ڪيو گرفتارين، تشدد ۽ سخت سزائن جي باوجود شاگرد ڪارڪنن همت نه هاري ۽ جمهوري حقن جي حاصلات لاءِ پنهنجي پرامن جدوجهد جاري رکي. پيپلز پارٽي جي قيادت جي شاگرد سياست سان گهري لاڳاپي کي اجاگر ڪندي مراد علي شاهه چيو ته قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا برڪلي ۾ ايشيائي شاگردن جي ڀرپور نمائندگي ڪئي، جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو آڪسفورڊ يونين جي پهرين ايشيائي خاتون صدر چونڊجي سڄي دنيا ۾ ملڪ جو نالو روشن ڪيو هن وڌيڪ چيو ته شاگرد سياست ۽ نوجوان قيادت ڀٽو خاندان جي سياسي تربيت ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. تعليمي ادارن جي اهميت تي زور ڏيندي وڏي وزير سنڌ چيو ته تعليمي ادارا رڳو ڪتابي علم جا مرڪز ناهن هوندا بلڪه اهي فڪري شعور، مڪالمي ۽ جمهوري تربيت جون نرسريون به آهن. هن نوجوانن کي نصيحت ڪئي ته هو علم، تحقيق، برداشت ۽ جمهوري قدرن کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائين، اختلافِ راءِ کي کلندي منهن سان برداشت ڪن ۽ معاشري ۾ مڪالمي کي هٿي وٺرائين. پنهنجي پيغام جي پڄاڻيءَ تي مراد علي شاهه چيو ته شاگردن جو عالمي ڏينهن اسان کي شاگردن جي بنيادي حقن، اظهار جي آزادي ۽ معياري تعليمي موقعن جي فراهمي جي اهميت ياد ڏياري ٿو. هن نوجوانن تي زور ڀريو ته هو مثبت، تعميري ۽ پرامن سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺن، ڇاڪاڻ ته باشعور، تعليم يافته ۽ ذميوار نوجوان ئي ملڪ جي روشن مستقبل ۽ جمهوري تسلسل جا اصل ضامن آهن.

بقايا *** 24

وسيع ۽ جرئتمندانا سڌارا متعارف ڪرائي جنهن ۾ سلامتي ڪائونسل جي مستقل ميمبرن جي ويٽو پاور جي اختيارن جو خاتمو به شامل آهي جيڪو ڊگهي عرصي کان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل کي منصفاڻو ۽ موثر فيصلو ڪرڻ کان روڪي رهيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب هن فلپائن جي گادي واري هنڌ منيلا ۾ منعقد 16هين آسيان – گڏيل قومن جي سربراهي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي موجوده ڍانچي ۾ تبديلي جي ضرورت آهي ته جيئن عالمي ادارو پنهنجا فائدا برقرار رکي سگهي ۽ وڏين طاقتن جي مفادن جي پابندي بنا انساني بحرانن ۽ عالمي تڪرارن کي بهتر انداز ۾ منهن ڏئي سگهي. هن آسيان ۽ گڏيل قومن جي لائحه عمل تائين محدود رکڻ جي بدران عملي قدم خاص طور تي ماحول دوست ۽ ڊيجيٽل ترقي کي هٿي ڏيڻ، موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ اضافو پائيدار ترقي جو هدف حاصل ڪرڻ ۾ تبديل ڪيو وڃي.

بقايا *** 25

ي جي رياض سهيل پنهنجي رپورٽ ۾ ٻڌايو آهي ته سنڌ جي آباديءَ جي پلاڻي واري کاتي موجب 2021 مردن جي نس بندي جا 24 ڪيس رپورٽ ٿيا هئا، جيڪي 2025 ۾ 4 هزار کان مٿي ٿي ويا. هلندڙ سال سيپٽمبر تائين سنڌ ۾ 3909 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. پنجاب ۾ 11 ۽ ڪي پي ڪي مان هڪ ڪيس رپورٽ ٿيو آهي. گڏيل قومن موجب 2025 ۾ پاڪستان جي آبادي 25 ڪروڙ 52 لک جي لڳ ڀڳ هئي. ورلڊ فرٽيلٽي رپورٽ موجب 2024 ۾ پاڪستان اندر افزائش نسل جي شرح 3.55 هئي، يعني هر بالغ عورت ۾ ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت جي شرح هئي. صحت جي عالمي اداري جي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ 2023 جي ڊيٽا موجب ٻار پيدا ڪرڻ وقت عورتن ۾ موت جا 11 هزار کان مٿي ڪيس رپورٽ ٿيا، يعني روزانو 27 عورتن جو موت ٿيو رپورٽ موجب 4 ٻارن جو والد عمران احمد جناح اسپتال ۾ پنهنجي نسبندي لاءِ آيو هو جنهن بي بي سي کي ٻڌايو ته هو پنهنجي گهرواري جي نسبندي ڪرائڻ چاهي پيو پر کيس ٻڌايو ويو ته مرد به پنهنجي نسبندي ڪرائي سگهن ٿا. عمران موجب جنهن بعد هن گهرواري سان صلاح ڪرڻ بعد گهرواري بدران پنهنجي نسبندي جو فيصلو ڪيو. هن ٻڌايو ته سندس گهرواري بيمار رهندي آهي ان ڪري هن پاڻ فيصلو ڪيو. جيئن پنهنجي ٻارن جي بهتر تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪري سگهي. رپورٽ موجب ڪورنگي جي 38 سالن جي چمار واري احمد خان ٻڌايو ته سندس 2 گهرواريون آهن. جن مان کيس 6 ٻار ٿيا. هڪ ٻار سندس فوت ٿي ويو جنهن بعد پنهنجي نس بندي جو فيصلو ڪيو هن ٻڌايو ته هڪ هڪ گارمينٽ فيڪٽري ۾ ڪم ڪندو آهي جتان کيس 42 هزار روپيا پگهار ملندي آهي.هن چيو ته ٻن گهروارين جي نسبندي تي هڪ لک روپيا خرچ اچي پيو پر سماجي ڪارڪن راحيل احمد کيس پنهنجي نسبندي بابت ڄاڻ ڏني جنهن بعد هن اهڙو فيصلو ڪيو. هن چيو آمدني مطابق هو وڌيڪ ٻار پيدا ڪري انهن کي بهتر لباس، خوراڪ ۽ تعليم نه ڏياري سگهندو سماجي ڪارڪن راحيل احمد چيو ته مذهبي ۽ سماجي طور ماڻهن ۾ خانداني منصوبه بندي جو رجحان گهٽ آهي. پر هن ساڳئي وقت تسليم ڪيو ته گهٽ آمدني، غربت ۽ مهانگائي سبب هاڻي مردن ۾ نسبندي جو رجحان وڌي رهيو آهي. رپورٽ موجب جناح اسپتال جي لاڳاپيل شعبي جي ڊاڪٽر رحيم بيگ ٻڌايو ته مردن ۾ نسبندي يعني واسيڪٽمي جو رجحان وڌي پيو هن ٻڌايو ته اهڙن خواهشمندن کي بيهوشي جي دوا ڏئي اسپرم خارج ڪرڻ واري رڳ کي بند ڪيو ويندو آهي ۽ هي عمل 10 کان 15 منٽ ۾ مڪمل ٿيندو آهي. ڊاڪٽر ٻڌايو ته نسبندي ڪرائيندڙ مرد کي ڪجهه دير نگراني ۾ رکڻ بعد ضروري هدايتن سان گڏ گهر موڪليو ويندو آهي. هن ٻڌايو ته هيستائين هو 300 اهڙا ڪيس ڪري چڪو آهي. ڊاڪٽر بيگ ٻڌايو ته هن وقت ڪراچي، لاڙڪاڻو ۽ مورو ۾ واسيڪٽمي سينٽر ڪم ڪري رهيا آهن. جڏهن ته اهي مختلف شهرن ڪيمپون پڻ لڳائيندا آهن.

بقايا *** 26

جو وزيراعظم بڻجندي ڏسي رهي آهي. صحافين سان ڳالهائيندي فريال ٽالپر چيو ته پنجاب ۾ اڄ به پيپلز پارٽي لاءِ سياسي گنجائش موجود آهي، بلدياتي چونڊن جي تياري ڪرڻ گهرجي، هن وڌيڪ چيو ته هوءَ پنهنجي والد جي ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽر هئي، پر کيس جيل ۾ وڌو ويو عورتن کي جيل ۾ نه هجڻ گهرجي. ڪراچي بابت ڳالهائيندي فريال ٽالپر چيو ته ڪراچي تمام وڏو شهر آهي، جتي گهڻو ڪم ٿيو آهي. هن سوال ڪيو ته ڇا ڏکڻ پنجاب به اوترو ئي ترقي يافته آهي، جيترو لاهور آهي؟

بقايا *** 27

هي. موجوده صورتحال ملڪي معيشت ۽ قومي مفادن لاءِ بهتر ناهي. پرڏيهي ميڊيا موجب وزيراعظم چيو ته سال 2016ع ۾ بريگزٽ ريفرينڊم ڪانپوءِ هيستائين برطانيا جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو آهي ان کان وڌيڪ وڃايو آهي. هن برطانوي بجيٽ آفيس(او بي آر) جي انگن اکرن جو حوالو ڏيندي ٻڌايو ته يورپي يونين کان عليحدگي سبب برطانوي معيشت کي مجموعي طور 4 سيڪڙو نقصان ٿيو آهي جڏهن ته ڪاٽي موجب اهو نقصان قومي پيداوار (جي ڊي پي) جي 8 سيڪڙو تائين آهي. ايندي برنهم بريگزٽ کي عالمي سطح تي تنهاپسندي ۽ واپاري تحفظ پسندي جي وڌندڙ رجحان جو پهريون اهم قدم قرار ڏنو هن پرڏيهي پاليسي ۾ ٽن بنيادي تبديلين جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو ته يورپ سان لاڳاپن لاءِ نئين سر جائزو وٺڻ ضروري آهي ته جيئن ان کي موجوده معاشي ۽ سيڪيورٽي ضرورتن سان هم آهنگ ڪري سگهجي.

بقايا *** 28

ثناءَالله چيو ته پي ٽي آءِ باني جي علاج ۽ طبي سهولتن جي معاملي ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ڪئي وئي آهي. عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي ڊاڪٽرن جي مشوري موجب علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون. جيڪڏهن ڊاڪٽرن جو بورڊ عمران خان جي سرجري جي سفارش ڪئي ته حڪومت ان لاءِ به سهڪار ڪندي. وزيراعظم جي صلاحڪار چيو ته پي ٽي آءِ وارا انتشار ۽ هنگاما ڪرڻ چاهين پيا، ناڪامي ڪانپوءِ ڳالهين لاءِ تيار ٿيا آهن. حڪومت معاملن کي بهتر نموني حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو انڪار ڪندا رهيا. حڪومت جي پاليسي واضح آهي ته ويهي ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪيا وڃن. هن چيو ته اهو تاثر غلط آهي ته ڳالهين جي ميز تي ڪنهن ڊيل يا رعايت جو معاملو موجود آهي. راڻا ثناءَالله وڌيڪ چيو ته صوبن جو معاملو جلد پارليامينٽ ۾ ايندو، پر اهو اهڙو مسئلو ناهي جو ڪو هڪ شخص ڳالهائي ۽ حل نڪري اچي. صوبن جي معاملي تي پارليامينٽ ۾ بحث ڪيو ويندو خبر کي ڪاوش انداز ۾ وڌيڪ صحافتي بڻايانسرخي کي وڌيڪ مختصر ۽ اثرائتي ڪريان

بقايا *** 29

وڪيل ڊر بنچ جي درخواست تي جواب جمع ڪرائڻ لاءِ وقت گهريو، عدالت وڪلين جي استدعا منظور ڪندي جواب جمع ڪرائڻ لاءِ وقت ڏئي ڇڏيو. 5 نومبر جي عدالتي حڪم نامي جي روشني ۾ ڪي پي حڪومت جواب جمع ڪرايو انهي ۾ چيو ويو ته ڪي پي حڪومت جي جواب جو جائزو ورتو ويو. 5 نومبر جي حڪمنامي جي پيراگراف نمبر اٺ ۾ ترميم ڪريون ٿا، ايمرجنسي جي لاڳو، فوج گهرائڻ ۽ ٽري ايم پي او جي ڪيسز کان علاوه پشاور هاءِ ڪورٽ آرٽيڪل 199 جا ٻيا ڪيسز ٻڌي سگهي ٿي. سردار لطيف کوسه ۽ بيرسٽر گوهر ٻڌايو ته هن ڊر بنچ جون درخواستون پشاور رجسٽري ۾ جمع ڪرايون آهن. حڪم نامي موجب رجسٽرار آفيس کي حڪم ڏيون ٿا ته پي ٽي آءِ جي ڊر بنچ جون درخواستون ايندڙ ٻڌڻي تي مرڪزي ڪيس سان گڏ مقرر ڪيون وڃن. انهي کان پوءِ ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا *** 30

اسان هر صورت ۾ ڪراچي ۾ گڏ ٿينداسين سنڌ جو ٻچو ٻچو 29 نومبر ڪراچي ايندو ۽ مختلف ضلعن مان ڪراچي ايندو اسان هر صورتحال ۾ اچون پيا. هن چيو ته محسن نقوي ڪير آهي ڪنهن هن کي چونڊيو اقتدار ۾ اماڻيو جيڪي ماڻهو چون سسٽم ڦيل آهي پوءِ اهي ماڻهو چون صوبا ٺاهيو ڇا سنڌ جا ماڻهو اهڙي فراڊ کي ائين برداشت ڪندا؟ سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين اوهان ڏسو پيپلزپارٽي پنهنجي بقا جي جنگ وڙهي رهي آهي. جڏهن ته اسان سنڌ جي بقا لاءِ وڙهي رهيا آهيون. پيپلزپارٽي کي خبر آهي ته سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ ڦيرڦار ٿي ته سنڌ جا ماڻهو سندن سياست دفن ڪري ڇڏيندا. اسان ڪراچي ۾ احتجاج لاءِ سڀ کان پهرين 29 نومبر جو سڏ ڏنو. ايم ڪيو ايم وارن شرارت ڪري ساڳئي تاريخ جو سڏ ڏنو. اسان ڪنهن سان به نفرت نه ٿا ڪريون. سنڌ کي ماءُ سمجهندڙ پنجابي، پشتون ۽ ٻيا به ڌرتيءَ جا وارث آهن. ڪراچي سميت سنڌ جا اردو ڳالهائيندڙ به اسان جا آهن. هنن سان ته اسان جون مائٽيون به ٿيل آهن. ايس ٽي پي جي چيئرمين چيو ته اڄڪلهه ملڪ ۾ نون صوبن يا مصطفيٰ ڪمال جي ميئر شپ واري دور ۾ ڪراچي ۾ فلاحي پارڪن ۽ پلاٽن تي پلازا ۽ شادي هال ٺهي ويا. هن چيو ته افغانين کي سنڌ ۾ ترسائڻ جي خلاف آهيون. افغانستان ۾ هاڻي امن ٿي ويو آهي، کين پنهنجي وطن اماڻيو وڃي. ان موقعي تي حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ۾ وڪيلن 29 نومبر ڪراچي واري سڏ جي آجيان ڪندي ڊاڪٽر قادر مگسي سان گڏ هجڻ جو نعريبازي سان ثبوت ڏنو.

بقايا *** 31

رهندڙ پناهگيرن جي واپسي لاءِ مرڪز قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق ڊينمارڪ ۽ نيدرلينڊز جي حڪومتن مطابق ريٽرن حب نالي اهو مرڪز 2027ع ۾ ڪم شروع ڪرڻ لاءِ تيار هوندو ان منصوبي جو لاڳو انهن ماڻهن تي ٿيندو جيڪي پنجن ملڪن جرمني، ڊينمارڪ، آسٽريا ، يونان ۽ نيدرلينڊز ۾ غير قانوني طورتي ترسيل آهن ۽ جن جي واپسي جا حڪم جاري ٿي چڪا آهن. اهو منصوبو انهن ماڻهن لاءِ به متبادل رستو فراهم ڪندو جيڪي پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس موٽي نٿا سگهن. پنجن ملڪن جو چوڻ آهي ته صرف انهن ماڻهن کي روانا موڪليو ويندو جيڪي لاڳاپيل ملڪن ۾ قانوني طورتي قيام جا سمورا رستا استعمال ڪري چڪا آهن. انهن منصوبن جي پهرين مرحلي ۾ صرف اڪيلن مردن کي منتقل ڪيو ويندو. اهو هڪ آزمائشي منصوبو هوندو جنهن تحت اٽڪل 100 ماڻهن کي روانا موڪلڻ جو امڪان آهي. پنجن ملڪن جو موقف آهي ته اهو منصوبو يورپي ۽ عالمي قانون مطابق آهي، پر انساني حقن جي تنظيمن پناهگيرن جي حقن جي ڀڃڪڙي جو خدشو ظاهر ڪيو آهي. برطانوي وزيراعظم جي آفيس ان منصوبي ۾ برطانيه جي شموليت جي امڪان کي رد ناهي ڪيو ۽ چيو آهي ته حڪومت ان اڳڀرائي جو دلچسپي سان جائزو وٺندي. برطانيه جو پنهنجو ئي منصوبو هو جيڪو قانوني چئلينجز سبب ڪڏهن شروع ئي ناهي ٿي سگهيو ٻئي پاسي اسپين جي وزيراعظم پيڊرو سانچيز ان منصوبي جي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي ته ان جو نه ڪو مستقبل آهي ۽ ان وري اهو انساني همدردي تي ٻڌل آهي.

بقايا *** 32

اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. پاڪستان آٽو مينيوفيڪچررز ايسوسيئيشن جي انگن اکرن مطابق هلندڙ مالي سال جي شروعاتي چئن مهينن (جولاءِ کان آڪٽوبر 2026ع) دوران ملڪ ۾ اي جي ٽي ايل ۽ ايم ٽي ايل جي مجموعي طور 5261 ٽريڪٽرز وڪرو ڪيا ويا جڏهن ته گذريل مالي سال جي انهي عرصي ۾ ٻنهي ڪمپنين پاران وڪرو ڪيل ٽريڪٽرن جو مجموعي تعداد 5832 يونٽس رڪارڊ ڪيو ويو هو اهڙي طرح ٽريڪٽرن جي مجموعي وڪري ۾ 2429 يونٽس جو اضافو ٿيو آهي. انگن اکرن مطابق هلندڙ مالي سال جي شروعاتي چئن مهينن ۾ اي جي ٽي ايل جا 2871 ٽريڪٽرز وڪرو ٿيا جڏهن ته ايم ٽي ايل جا 5390 ٽريڪٽرز وڪرو ٿيا.

بقايا *** 33

ڪندڙ جوڙي جي گهر تي هٿياربندن پاران حملو ڪري اڻڄاتل فائرنگ ڪئي وئي، فائرنگ جي نتيجي ۾ نوجوان جوڙي جو ڀاءُ شان علي ڪائيو گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي مارجي ويو، جڏهن ته پيرسن عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا. واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. جڏهن ته زخمين کي فوري طور تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي انهن کي طبي امداد ڏني پئي وڃي.

بقايا *** 34

ي ادارن تي وڌيڪ پابنديون لاڳو ڪيون ويون آهن. جڏهن ته 113 روسي شهرين کي به پابندين واري فهرست ۾ شامل ڪيو ويو آهي. بيان موجب روسي تيل ۽ توانائي جي شعبي سان لاڳاپيل ادارن تي به پابنديون لڳايون ويون آهن. يورپي يونين موجب اهي پابنديون انهن معاشي شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ ادارن خلاف لاڳو ڪيون ويون آهن، جيڪي روس جي جنگي ڪارروائين لاءِ آمدني جو اهم ذريعو فراهم ڪن ٿا ۽ روس جي ڳجهي تيل بردار ساموندي ٻيڙيءَ جي مدد ڪن ٿا. يورپي يونين چيو آهي ته روس جي بئنڪنگ شعبي تي پابندين جو دائرو وڌائڻ جو مقصد آهي انهن مالي ذريعن کي محدود ڪرڻ آهي. جن ذريعي روسي حڪومت جي آمدني منتقل ڪئي وڃي ٿي ۽ جنگي خرچن لاءِ مالي مدد ڪئي وڃي ٿي. يورپي يونين وڌيڪ چيو ته يوڪرين جي خودمختياري ۽ سلامتيءَ تي ڪو به ٺاهه نه ڪيو ويندو اصطلاحن کي وڌيڪ صحافتي بڻايوخبر کي وڌيڪ مختصر ۽ چٽو ڪريوعنوان ۾ اهم انگ اکر نمايان ڪريو

بقايا *** 35

زيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ڳالهين واري ڪميٽيءَ جي سربراهه لياقت بلوچ سان رابطو ڪيو. جنهن دوران حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ جاري ڳالهين بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي لياقت بلوچ ٻڌايو ته ڳالهين ڪانپوءِ حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ امڪاني ٺاهه جو مسودو حڪومتي ڌر وٽ موجود آهي.هن اميد ظاهر ڪئي ته وزيراعظم ۽ نائب وزيراعظم عوام کي رليف ڏيارڻ واري جدوجهد کي اهميت ڏيندا ۽ عوامي ڏکيائين جي حل لاءِ هاڪاري اڳڀرائي ٿيندي. جماعت اسلامي جي نائب امير چيو ته سندس جماعت احتجاج ۽ ڳالهين، ٻنهي طريقن سان غريب ۽ وچولي طبقي کي رليف ڏيارڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندي.

بقايا عوامي سوچ 01

حالتن ۾ بروقت ۽ اثرائتو رسپانس يقيني بڻائڻ جون هدايتون. ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) جي ضلعي هيڊڪوارٽر اسٽيشن ٺٽو جو دورو ڪيو، جتي ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آفيسر انجنيئر توقير احمد سومرو ۽ ريسڪيو 1122 جي ٻين آفيسرن ۽ اهلڪارن سندس آجيان ڪئي. دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ريسڪيو 1122 جي مختلف شعبن جو تفصيلي معائنو ڪيو ۽ اداري جي مجموعي ڪارڪردگي، موجود وسيلن، جديد اوزارن، ايمرجنسي گاڏين، ڪنٽرول روم، اسٽور ۽ ٻين انتظامي توڙي ٽيڪنيڪل سهولتن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آفيسر انجنيئر توقير احمد سومرو ڪيس اسٽيشن جي ڪارڪردگي، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي طريقيڪار، ريسڪيو آپريشنز ۽ عوام کي فراهم ڪيل خدمتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳت ريسڪيو 1122 جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي پيشه ورانه مهارت، فرض شناسي، نظم ۽ ضبط، محنت ۽ خدمت جي جذبي کي ساراهيندي چيو ته ريسڪيو 1122 عوامي خدمت جو هڪ اهم ادارو آهي، جيڪو ڪنهن به حادثي، قدرتي آفت، باهه لڳڻ، ٽريفڪ حادثي يا ٻين هنگامي حالتن ۾ فوري طور پهچي قيمتي انساني جانيون بچائڻ ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو ته هنگامي حالتن ۾ چند منٽن جي دير به انساني زندگيءَ لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي، تنهنڪري ريسڪيو سروس جو بروقت رسپانس، تربيت يافته عملو جديد اوزار ۽ اثرائتي حڪمت عملي انتهائي اهميت رکن ٿا ريسڪيو 1122 جا اهلڪار ڏکين حالتن ۾ پنهنجي جان جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ انسانيت جي خدمت ڪن ٿا، جيڪو نه صرف ساراهه جوڳو پر سڄي معاشري لاءِ فخر جوڳو مثال آهي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي انتظاميه عوام کي بهتر ۽ فوري هنگامي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي ريسڪيو 1122 سميت سمورين ايمرجنسي سروسز وچ ۾ باهمي رابطن، گڏيل حڪمت عملي ۽ اثرائتي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ گهٽ ۾ گهٽ وقت اندر متاثر ماڻهن کي امداد فراهم ڪري سگهجي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سمورين ايمرجنسي گاڏين، مشينري ۽ جديد اوزارن کي هروقت فعال ۽ استعمال لاءِ تيار رکيو وڃي، عملي جي پيشه ورانه تربيت ۽ صلاحيتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو وڃي ۽ عوامي شڪايتن توڙي هنگامي ڪالن تي فوري ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي هن ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ته ضلعي جي شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ ريسڪيو سروسز جي پهچ کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي، ته جيئن ڪنهن به حادثي يا قدرتي آفت جي صورت ۾ بروقت امدادي ڪارروايون ممڪن بڻجي سگهن. سرمد علي ڀاڳت وڌيڪ چيو ته عوامي خدمت ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي ۾ بهتري، جديد سهولتن جي فراهمي ۽ ادارن وچ ۾ باهمي سهڪار ضلعي انتظاميه جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن ريسڪيو 1122 جي خدمتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ضلعي انتظاميه پاران هر ممڪن سهڪار جاري رکيو ويندو. آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ريسڪيو 1122 جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته ادارو مستقبل ۾ پڻ ساڳئي جذبي، لگن ۽ پيشه ورانه ذميواري سان عوام جي خدمت ۽ انساني جانين جي تحفظ لاءِ پنهنجون خدمتون جاري رکندو

بقايا عوامي سوچ 02

ڪليفن جو مڪمل احساس آهي. بجلي نه هجڻ سبب واپارين ۽ دڪاندارن جو ڪاروبار متاثر ٿي رهيو آهي، جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته لوڊشيڊنگ جو شيڊيول سڄي ملڪ ۾ هڪجهڙو آهي، جڏهن ته خيرپور، گمبٽ، رانيپور ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ بجلي جي لوڊشيڊنگ جاري آهي. هن وڌيڪ چيو ته رانيپور ۾ گذريل ٽيهن سالن دوران پهريون ڀيرو دڪاندارن پاران اهڙي احتجاج جو واقعو پيش آيو آهي، جنهن مان واپارين جي پريشانين جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هائيڊرو ليبر يونين اڳواڻ مقصود احمد ملاح وڌيڪ چيو ته سيپڪو ايڪسيئن واعدو ڪيو آهي ته دڪاندارن کي بجلي جي بندش سبب وڌيڪ تڪليفن کان بچائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا، جڏهن ته اسان پڻ پنهنجي وس آهر واپارين کي رليف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. هن چيو ته انشاءَ الله دڪاندارن جي مسئلن جو ازالو ڪيو ويندو ۽ ڪين ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري رهنديون. آخر ۾ هن دعا ڪئي ته رب پاڪ سڀني واپارين جي ڪاروبار ۾ برڪت ۽ اضافو فرمائي.

بقايا عوامي سوچ 03

ي دانهيندي چيو ته مون ڪجهه مهينا اڳ سندس ئي برادري جي عورت سان راضي خوشي سان شادي ڪئي جنهن بعد برادري سطح تي راجوڻي فيصلو پڻ ٿيو جنهن فيصلي ۾ مون عورت واپس ڪئي پر ان باوجود مخالف ڌر جا ماڻهو ڳوٺ ميهڻون لنجو واسي امداد لنجو الف لنجو ذاتي دشمني تي لهي آيا آهن ڪجهه ڏينهن اڳ سمن سرڪار جي ميلي تي نامعلوم هٿياربند ماڻهن هٿان حملو ڪرايو پر ماڻهن وچ ۾ پئي موکي ڇڏايو گذريل ڏينهن اسلام ڪوٽ شهر ۾ مخالفن امداد ۽ جام لنجو وارن مون تي حملو ڪري مارڪٽ ڪري گارگند ڪئي ۽ موبائيل فون روڪ رقم ڦري ويا هن چيو ته ڄاڻايل جوابدارن مان حياتي کي خطرو آهي انهي لاءِ آئون ايس ايس پي ٿرپارڪر ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ کي اپيل ٿو ڪريان ٿو ته نوٽيس وٺي مونکي تحفظ ڏنو وڃي ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڦريل روڪ رقم ۽ موبائيل فون واپس ڪرايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 04

لي ترڪ سندس گهرواري ۽ پٽ ڪاشف علي کي مبينا طور ورغلائي پاڻ سان گڏ وٺي ويو آهي. هن چيو ته واقعي کانپوءِ کيس سخت ڳڻتي آهي ته ڪٿي سندس گهرواري ۽ پٽ کي ڪوجاني نقصان نه پهچايو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته سندس ٻار انتهائي پريشان آهن، جن مان هڪ ٻار معذوريءَ جو شڪار آهي. گل آصف ايس ايس پي ٺٽو ۽ ايس ايڇ او ڪينجهر کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي، سندس گهرواري ۽ پٽ کي بازياب ڪرايو وڃي، جڏهن ته مبينا طور ملوث جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 05

جاري، هڪ ٻئي تي الزام تراشي، پولنگ کي حساس قرار ڏيڻ جو مطالبو اوڊيرولال وليج ڪائونسل جي خالي ٿيل سيٽ تي 22 نومبر تي ٿيندڙ ضمني چونڊ جون تياريون ۽ سياسي سرگرميون عروج تي پهچي ويون آهن. پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ هولڊر امتياز علي جهيجو ۽ آزاد اميدوار يامين راجپوت پاران چونڊ مهم تيز ڪئي وئي آهي. ٻنهي اميدوارن جا حامي پڻ ميدان ۾ سرگرم آهن، جڏهن ته ووٽرن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ سياسي رابطا ۽ ملاقاتون جاري آهن. چونڊ مهم دوران ٻنهي اميدوارن وچ ۾ سخت چٽاڀيٽي سان گڏ سياسي ڇڪتاڻ ۽ الزام تراشي جو سلسلو پڻ جاري آهي. آزاد اميدوار يامين راجپوت الزام لڳايو آهي ته پيپلزپارٽي جو اميدوار امتياز علي جهيجو مبينا طور سرڪاري مشينري استعمال ڪري رهيو آهي، هن اليڪشن ڪميشن ۽ ضلعي انتظاميا کان معاملي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. يامين راجپوت وڌيڪ مطالبو ڪيو ته اوڊيرولال وليج جي پولنگ کي حساس قرار ڏئي سيڪيورٽي جا خاص انتظام ڪيا وڃن، جيئن ووٽر بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءَ جي پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪري سگهن. هوڏانهن 22 نومبر تي ٿيندڙ ضمني چونڊ ويجهو اچڻ سان ٻنهي اميدوارن جون سرگرميون وڌيڪ تيز ٿي ويون آهن. پيپلزپارٽي جي اميدوار امتياز علي جهيجو جو موقف سامهون اچڻ بعد خبر ۾ شامل ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 06

س ڪميٽي جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي جي مجموعي امن امان جي صورتحال، سيڪيورٽي انتظامن ۽ لاڳاپيل معاملن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر عمران الحق، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نادرا زاهد قاضي، ملٽري انٽيليجنس (ايم آءِ)، انٽر سروسز انٽيليجنس (آءِ ايس آءِ)، انٽيليجنس بيورو (آءِ بي)، پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران مختلف ادارن پاران سيڪيورٽي صورتحال بابت بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته ادارن وچ ۾ باهمي رابطن، معلومات جي ڏي وٺ ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ گڏيل قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳت لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ سان گڏوگڏ ادارن وچ ۾ ويجهي رابطي ۽ سهڪار کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 07

ڏڻ ڊوائيز هولڊر پنهنجا دوڪان بند ڪري ڀڄي هليا ويا جڏهن ته دوڪانن ٻاهران مستحق عورتون جي رش لڳل آهي هوڏانهن عورتن جو چوڻ هو ته ڊوائيز هولڊر سرعام 1500 روپيا مبينا ڪٽوتي ڪري رهيا آهن هنن خلاف قانوني ڪاروائي ٿيڻ گهرجي.

بقايا عوامي سوچ 08

جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. واقعي جو ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت فوري نوٽيس وٺندي لاڳاپيل ادارن کي امدادي ڪارروايون تيز ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون. ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر عمران الحق جي نگرانيءَ ۾ ريسڪيو 1122، فائر برگيڊ، روينيو کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جون ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ باهه وسائڻ جو عمل شروع ڪيو ريسڪيو ادارن ۽ ضلعي انتظاميا جي گڏيل ڪوشش سان نرسنگ هاسٽل جي فليٽن جي ٽين منزل تي هڪ ڪمري ۾ لڳل باهه تي ضابطو آندو ويو ۽ ان کي عمارت جي ٻين حصن تائين پکڙجڻ کان روڪيو ويو. باهه وسائڻ بعد ٻيهر باهه لڳڻ جي امڪاني خطري کان بچڻ لاءِ ڪولنگ جو عمل پڻ جاري رکيو ويو. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر عمران الحق واقعي واري هنڌ پهچي امدادي ڪارروائين جي نگراني ڪئي ۽ صورتحال جو جائزو ورتو. خوش قسمتيءَ سان باهه لڳڻ واري واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر عمران الحق چيو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ۽ هنگامي صورتحال ۾ فوري امدادي ڪارروائي ضلعي انتظاميا جي پهرين ترجيح آهي. ڊپٽي ڪمشنر ٺٽي جي هدايتن تي سمورن لاڳاپيل ادارن کي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري طور متحرڪ ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 09

تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جو مقصد شاگردن ۾ تعليم، شعور، خود اعتمادي، تخليقيت ۽ مثبت ڪردار جي اهميت کي فروغ ڏيڻ هو. عالمي شاگردن جو ڏينهن 17 نومبر تي سڄي دنيا ۾ ملهايو ويندو آهي، هن ڏينهن جي موقعي تي تعليمي ادارن ۾ مختلف تقريبون ۽ مقابلا منعقد ڪيا ويندا آهن. هن ڏينهن تي شاگردن جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي آهي. شاگردن کي خطاب ڪندي اسڪول جي فرسٽ اسسٽنٽ سر سلمان جاکرو، سر محمد صفدر ٿهيم، سر مراد علي قريشي، سر منير احمد خشڪ، سر سيد اعظم شاهه، سر عبدالحفيظ ۽ ٻين چيو ته شاگرد ڪنهن به قوم جو قيمتي اثاثو ۽ روشن مستقبل آهن. انهن جي بهتر تعليم ۽ تربيت، ڪردار جي تعمير ۽ حوصلا افزائي هڪ ترقي يافته سماج جي بنياد آهن. شاگردن کي علم جي حصول کي پنهنجو مقصد بڻائڻ گهرجي، استادن ۽ والدين جو احترام ڪرڻ گهرجي، وقت جي پابندي اختيار ڪرڻ گهرجي، نظم و ضبط برقرار رکڻ گهرجي ۽ سماج ۾ مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ گهرجي. استادن وڌيڪ چيو ته موجوده دور ۾ نصابي تعليم تائين محدود رهڻ بدران، شاگردن کي سائنسي سوچ، تحقيق، تخليقيت، ٽيڪنالاجي ۽ عملي صلاحيتن تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي ته جيئن اهي مستقبل جي چيلينجن کي منهن ڏئي سگهن. تعليمي ادارا شاگردن کي ذميوار، باشعور، اخلاقي ۽ ڪارآمد شهري بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار پوري زور سان ادا ڪندا رهندا. هي ڏينهن شاگردن جي اهميت ۽ قوم جي مستقبل ۾ انهن جي قيمتي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ملهايو ويندو آهي. جنهن جو مقصد هڪ معياري تعليمي نظام کي فروغ ڏيڻ آهي.

بقايا عوامي سوچ 10

ش مغيري سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي فوري طور لاڙڪاڻي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو، جتي پيپلز پارٽي ڪائونسلر علي اڪبر مغيري جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي اطلاع تي وڳڻ پوليس موقعي تي واقعي واري هنڌ پهچي ڪار پنهنجي تحويل ۾ ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٿاڻي ۾ بند ڪري ڇڏيو.

بقايا عوامي سوچ 11

اڳواڻن جو خطاب ملير ڪورنگي ۽ پرياسي جي علائقن جي رهواسين وڏي انگ ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي. پارٽي جي سينيئر اڳواڻ حاجي حنيف لغاري ۽ ميڊم نرگس جي خاص ڪوشش، اڻٿڪ محنت ۽ مثالي ڪارڪردگي سبب سومار ڪنڊاڻي ڳوٺ ۾ هڪ عظيم الشان شموليتي پروگرام منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ مردن، عورتن، بزرگن ۽ ٻارن جي وڏي انگ جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي. تقريب جو انعقاد حاجي حنيف لغاري، ميڊم نرگس ۽ ڪامريڊ مولا بخش ميمڻ جي سرپرستي ۾ ٿيو. جڏهن ته پروگرام ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر اعجاز سامٽيو، ڊاڪٽر مظهر ميمڻ سميت ڪراچي ڊويزن، ضلعي ملير ۽ ڪورنگي جي ٻين اهم اڳواڻن پڻ خاص شرڪت ڪئي. شموليتي تقريب کي خطاب ڪندي حاجي حنيف لغاري، ميڊم نرگس ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ ۽ اسان جي سڃاڻپ آهي، ڌرتي ماءُ جي بقا، خودمختياري ۽ قدرتي وسيلن جي مالڪي لاءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هنن دوٽوڪ لفظن ۾ واضح ڪيو ته سنڌ جي وجود ۽ حقن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو هرگز قبول نه ڪيو ويندو. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته 29 نومبر تي پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي قيادت ۾ ٿيندڙ ملين مارچ سنڌ جي قومي وحدت ۽ عوامي شعور جو ڀرپور اظهار ثابت ٿيندو جيڪو هر قسم جي علائقائي ۽ محدود سوچ کان مٿانهون ٿي سنڌ جي گڏيل قومي مفادن جي ترجماني ڪندو هنن عوام کي اپيل ڪئي ته اهي سنڌ جي حقن جي تحفظ لاءِ 29 نومبر جي ملين مارچ ۾ ڀرپور شرڪت ڪري تاريخ رقم ڪن تقريب جي پڄاڻي تي مختلف علائقن مان آيل معززين ۽ رهواسين حاجي حنيف لغاري ۽ ميڊم نرگس جي قيادت ۽ عوامي خدمتن تي ڀرپور اعتماد جو اظهار ڪندي سنڌ ترقي پسند پارٽي ۾ باضابطه شموليت جو اعلان ڪيو. پارٽي اڳواڻن نون شامل ٿيندڙن کي ڀليڪار چيو ۽ سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي تلقين ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 12

جنهن ۾ شاگردن پنهنجي صلاحيتن، تخليقي سوچ ۽ عملي سکيا جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي مهمانن پاران شاگردن جي محنت، دلچسپي ۽ پيش ڪيل پروجيڪٽس کي ساراهيو ويو. جڏهن ته اسڪول ۾ اهڙي مثبت ۽ تعميري سرگرمي جي انعقاد تي اسڪول انتظاميا جي ڪوشش جي پڻ واکاڻ ڪئي وئي. نمائش جي ڪامياب انعقاد ۾ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جوهي جي هيڊ ماسٽر خير محمد سرهيو، اسٽريم پراجيڪٽ جي فوڪل پرسن جمال عبدالناصر لاشاري، ٽيم ميمبرن علي گل لغاري، محمد حسن ڏاهري ۽ مقبول حسين پنهور جي گڏيل ڪوشش کي مهمانن پاران ڀرپور ساراهيو ويو. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙ معزز مهمانن، جن ۾ شهاب الدين شاهاڻي (ٽي اي او)، نسرين ٻهن، خرم خان شاهاڻي ۽ جاويد علي ملاح شامل هئا، جن جو اسڪول انتظاميا پاران شڪريو ادا ڪيو ويو ۽ سندن آمد کي شاگردن جي حوصلا افزائيءَ لاءِ هڪ اهم قدم قرار ڏنو ويو.

بقايا عوامي سوچ 13

يلهار پرسان ڳوٺ دلن جو تڙ ۾ ديوي جو ڪاٽ وڍ تي دل برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمي ٿيلن ۾ عورتون به شامل آهن. جهيڙي کانپوءِ ٻئي ڌريون ڇيلهار ٿاڻي تي پهچي ويون، جن کي ريفر ليٽر ڏيئي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. زخمي ٿيلن ۾ رمضان دل، چامان دل، ميٺهل دل، حاجي دل ۽ دائود دل شامل آهن.

بقايا عوامي سوچ 14

۾، صلاحيتن ۽ ڪردار تي هوندو آهي. هڪ باشعور استاد نه رڳو شاگردن کي تعليم ڏئي ٿو پر سماج جي اصلاح ۽ تعمير لاءِ آفاقي قدرن ۽ اعليٰ اخلاقي اصولن جي روشنيءَ ۾ نئين نسل جي تربيت ۽ رهنمائي پڻ ڪري ٿو. اهڙيون سموريون خوبيون مانواري ۽ انتهائي قابل احترام استاد سائين مهيش ڪمار راڻي جي شخصيت ۾ نمايان طور موجود آهن. سائين مهيش ڪمار راڻي پنهنجي پيشي سان بيحد سچائي، ايمانداري ۽ لگن سان نڀائيندي هميشه ننڍن سان شفقت ۽ وڏن سان عزت ۽ احترام وارو ورتاءُ اختيار ڪيو جيڪو سندس شخصيت جو هڪ اهم ۽ قابل تعريف پهلو رهيو آهي. پنهنجي ڊگهي سرڪاري ملازمت جا فرض نهايت ايمانداري ۽ ذميواريءَ سان سرانجام ڏيڻ کانپوءِ هو رٽائرمينٽ حاصل ڪري رهيا آهن. سندس وڇوڙو تعليمي اداري لاءِ هڪ وڏو خال هوندو جيڪو ڪڏهن به پرجي نه سگهندو جڏهن ته گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺيءَ جو اڱڻ هميشه سندس آمد جو منتظر رهندو. سائين مهيش ڪمار راڻي جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺيءَ جي سموري تدريسي ۽ غير تدريسي عملي پاران هڪ شاندار ۽ پروقار الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي. جيئن ئي سائين اسڪول ۾ پهتا ته سموري عملي ۽ شاگردن پاران سندن والهاڻو استقبال ڪيو ويو. مٿن گلن جي ورکا ڪئي وئي ۽ تاڙين جي گونج ۾ کين اسٽيج تي آندو ويو. جتي اسڪائوٽس پاران کين گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو. ان کانپوءِ شاگردن پنهنجي محبوب استاد جي مان ۾ تقريرون ۽ خوبصورت گيت پيش ڪري کيس شاندار پيتا ڏني. تقريب کي خطاب ڪندي اسڪول جي هيڊ ماسٽر هدايت الله ٻجاڻي، گسٽا ٿرپارڪر جي صدر جيتيش راڻي، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽنڊو جام جي پرنسپال رميش راڻي، تاراچند راڻي، مفتي محمد اسحاق درس، پيشم ڪوٺاري ۽ درشن درزي سائين مهيش ڪمار راڻي جي شاندار تعليمي خدمتن کي ساراهيندي کين خراج تحسين پيش ڪيو. مقررن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سائين مهيش ڪمار راڻي پنهنجي سموري ملازمت دوران انتهائي ايمانداري، محنت ۽ فرض شناسيءَ سان پنهنجون ذميواريون نڀايون آهن. هن ڪيترن ئي شاگردن جي زندگي سنواري، کين بهتر تعليم ۽ تربيت ڏئي زندگيءَ ۾ اعليٰ مقام ماڻڻ جي قابل بڻايو. سندس تعليمي خدمتون ۽ شاگردن جي مستقبل لاءِ ڪيل ڪاوشون هميشه ياد رکيون وينديون. ان موقعي تي سائين مهيش ڪمار راڻي خطاب ڪندي جذباتي انداز ۾ چيو ته اڄ منهنجي ڪيفيت اهڙي آهي، جو ڳالهائڻ لاءِ لفظ ساٿ نٿا ڏين ۽ دل ڀرجي اچي ٿي. ساٿين سان گڏ زندگيءَ جا ڪيترائي سال گذاريا آهن، تنهنڪري انهن کان جدائيءَ جو احساس انتهائي ڏکيو ۽ اذيتناڪ آهي. هن سمورن ساٿين، استادن ۽ شاگردن جا ٿورا مڃيندي چيو ته جنهن محبت، عزت، مان ۽ پنهنجائپ سان مون کي نوازيو ويو آهي، ان جو قرض آئون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به لاهي نه سگهندس. تقريب جي پڄاڻيءَ تي اسڪول جي سموري عملي پاران سائين مهيش ڪمار راڻي کي هڪ منفرد ۽ يادگار انداز ۾ رخصت ڪيو ويو. کين گهوٽ جيان سينگاري، دهل ۽ ڏمالن جي گونج ۾ شاندار ريلي جي صورت ۾ رقص ۽ خوشين سان گڏ سندن گهر تائين پهچايو ويو. رستي ۾ استادن ۽ عملي جا ميمبر خوشيءَ سان جهومندا ۽ نچندا رهيا، جنهن سان الوداعي تقريب هڪ يادگار جشن ۾ تبديل ٿي وئي. گهر پهچڻ تي سندن گهر ڀاتين ۽ ڪميونٽي جي معززين پاران شاندار استقبال ڪيو ويو. جتي هڪ ٻي پروقار تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ ميونسپل ڪاميٽي مٺيءَ جي ميمبرن ونيش ڀڳت، شامداس آچاريه، ونيش ڪرماڻي ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سائين مهيش ڪمار راڻي کي سنڌ جي روايتي سوکڙي لوئيون، اجرڪون ۽ گلن جا هار پيش ڪري سندن خدمتن جي مڃتا طور عزت افزائي ڪئي وئي. ان کانپوءِ آيل استادن ۽ مهمانن جو پڻ کلي دل سان آڌرڀاءُ ڪيو ويو ۽ کين لذيذ طعامن سان مهمان نوازي ڪئي وئي. محفلِ موسيقي ۽ سنڌي ثقافتي رقص تقريب جي رونقن ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو. شرڪت ڪندڙن سائين مهيش ڪمار راڻي جي علمي، تدريسي ۽ سماجي خدمتن کي ساراهيندي سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. تقريب دوران سائين مهيش ڪمار راڻي جي سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو، جنهن ۾ سمورن مهمانن ۽ ساٿين ڀرپور شرڪت ڪئي. آخر ۾ سنڌ جي مشهور ثقافتي گيت "هوجمالو" جي گونج ۽ رقص سان هيءَ رنگارنگي، محبتن ۽ پنهنجائپ سان ڀرپور الوداعي تقريب پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي. تقريب ۾ موجود هر ماڻهوءَ لاءِ هيءَ گهڙي نه رڳو هڪ استاد جي رٽائرمينٽ، پر هڪ محبت ڪندڙ ساٿي، بهترين رهنما ۽ مثالي تعليمي شخصيت کان وڇوڙي جو يادگار لمحو بڻجي وئي.

بقايا عوامي سوچ 15

ائي نه ٿيڻ ڪري گهٽين محلن رستن تي گندگي جا ڍير لڳي ويا جوهي شهر جي 8 ئي واردن اندر نالين جو ڪچري جي صفائي نه ٿيڻ ڪري گندو پاڻي گهٽين ۾ رلڻ لڳو جوهي ناڪي کان مين روڊ ڪاليج تائين ٻه ٻه سئو فٽ گندو پاڻي بيهجي وڃڻ ڪري ايندڙ ويندڙ پريشان شهر جا ڊرينيج سسٽم نه هلائڻ ڪري سڄي شهر جو گندو پاڻي واصل فقير، وليو فقير احسان فقير قبرستان ۾ ڪافي وقت کان داخل ٿيڻ ڪري ڪائونسلر ساوڻ ٻهر، ايس يو پي جي اڳواڻ غلام قادر لغاري، جسقم بشير خان جي زاهد حسين باهوٽو، قربان ڪوکر، جي ڊي اي اڳواڻ محمد امين وگهيو، ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب جوهي پهچي ميونسپل ڪاميٽي جي ڪرپشن ۽ نا اهلي خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته ميونسپل ڪاميٽي جوهي جي چيئرمين علڻ خان لغاري، سي ايم او جوهي جنيد چانڊيو، ۽ ٻئي عملي جي نااهلي سبب سڄو شهر ۽ 8 ئي وارڊ گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويا آهن نالين جي صفائي نه ٿيڻ ڪري هر محلي جي گهٽين اندر گندو پاڻي جمع ٿيل آهي پ پ جي دور ۾ قسمت سان تعمير ٿيل 20 سالن بعد مين روڊ تي صفائي نه ٿيڻ ڪري گندي پاڻي بيهجي وڃڻ ڪري آهستي آهستي اکڙڻ شروع ٿي ويو آهي صفائي سٿرائي نالي ڪاب شئي نظر ئي نٿي اچي شهر اندر داخل ٿي ۽ خريداري ڪرڻ لاءِ گندگي جي ڍيرن مان ڪُڏرٽو پوي ٿو جڏهن ته ماهوار ڪروڙين رپيا بجيٽ ملڻ باوجود به ڊرينيج سسٽم سميت سمورو صفائي جو نظام درهم برهم لڳو پيو آهي صفائي عملي کي مشنري ۽ صفائي وارو سامان بهارا ٽرالين ڪوڊرون ۽ تيل نه ملڻ ڪري عملو مجبورن پاڪن تي چند عملو صفائي ٿو ڪري هنن چيو ته ڊرينيج سسٽم جو تيل هڙپ ڪرڻ ۽ صفائي ۽ ترقياتي ڪم جي نالي تي هر مهيني ڪوڙا وائوچر ناهي شهر جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي واصل فقير قبرستان اندر ڪافي وقت کان گندو پاڻي داخل هئڻ ڪري اڌ کان وڌيڪ مزارون ميسارجي نشان ختم ٿي ويا آهن قبرستان جي هڪ پاسي داخل ٿيڻ جي جڳهه ئي ناهي هنن چيو ته پ پ جا چونڊيل نمائنده خبر وار هئڻ باوجود چو خاموش آهن ڪير تدارڪ ڪرڻ وارو ناهي آخر ۾ هنن بلديات جي صوبائي وزير، سيڪريٽري، ڊي سي دادو، اسسٽنٽ ڪمشنر جوهي ۽ زميوارن کان گهر ڪئي آهي ته خدارا جوهي جي عوام تي رحم کائي لڳايل الزامن جي فوري بنا فرق جي انڪوائري ڪرائي ملوث ميونسپل ڪاميٽي جي زميوارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ماهوار فنڊن جو درست استعمال ڪري صفائي سٿرائي ڪرائي قبرستان ۾ داخل گندو پاڻي نيڪال ڪرايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 16

روپيا ڪٽوتي سرعام هلندڙ ميرپور ماٿيلو پوليس سميت مختلف ماڻهن جو روزاني بنياد تي هزارين روپيا ڀتو مقرر مستحق عورتن جون ميڊيا آڏو دانهون ڊوائيز مافيا ايجنٽن کي پتون پاران تفصيل موجب ڊپٽي ڊائريڪٽر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ ايڇ بي ايل فرنچائز انچارج نويد فاروقي جي مبينه طور ڀتا خوري سبب گهوٽڪي ضلعي جي ٻين شهرن جيان ميرپور ماٿيلو ۾ به ڊوائيز مافيا جي ايجنٽن پاران سرعام مستحق عورتن جي وظيفي مان 15 سئو کان 25 سئو تائين ڪٽوتي جو سلسلو بدستور جاري آهي جنهن سبب مستحق عورتون سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويون آهن ان سلسلي ۾ متاثر عورتن سان گڏ مردن ۽ عورتن جو چوڻ هو ته هر سينٽر تي غنڊا ڊوائيز مافيا جا ايجنٽ ويهاريا ويا آهن جيڪي سرعام ڪٽوتي ڪن ٿا آخر اسان جي ايتري ڪٽوتي جو ڪٿي اٿو سوال ڪيون ٿا ته الزام هڻن ٿا اوهان پئسا ڪٽي ويا آهيو بد تميزي ڪندي سينٽرن تان ڌڪا ڏيئي ڪڍي ٿا ڇڏن جيڪو ظلم آهي هنن ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ايس ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته خدارا نوٽس وٺي مستحق عورتن جي وظيفي مان غير قانوني طريقي سان ڪٽوتي ڪندڙ سماج دشمن ڊوائيز مافيا ايجنٽن خلاف ڪارروائي ڪري غريبن جي حال تي رحم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 17

ي ميمبر منظور ميراڻي، اطهر سنديلو ايل يو جي تعلقي صدر زبير زرار منگي، نائب صدر وحيد ڳاهو نائب صدر جاويد احمد جوڻيجو، جنرل سيڪريٽري مقبول ڪانڌڙو، جوائنٽ سيڪريٽري وحيد رمضان جوڻيجو، جوائنٽ سيڪريٽري فدا حسين جوڻيجو انفارميشن سيڪريٽري جاويد احمد ميمڻ، خزانچي قاضي نياز حسين، آفيس سيڪريٽري نثار احمد سرڳاٽي ميمبر ايگزيڪيوٽو ڪميٽي معشوق علي ڏيرو، قاضي غلام حسين رينواز ڪوسو، توفيق سنديلو سميت ڏوڪري پريس ڪلب جي صدر فدا حسين ابڙو، علي اصغر ميمڻ، ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي قلم ڌڻين چيو ته سنڌ جي صحافين ۾ عدم تحفظ جو احساس شدت وٺندو پيو وڃي، صحافين کي بنيادي حقن کان محروم رکندي عوام سان ويساهه گهاتي ڪئي پئي وڃي. هنن چيو ته صحافين ۾ ايڪو ۽ اتحاد وقت جي اهم ضرورت آهي، ڪنهن به صحافي سان ظلم، ڏاڍ ۽ جبر برداشت نه ڪيو ويندو. هنن چيو ته لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس تعلقي ڏوڪري طرفان 27 نومبر تي صحافتي ڪنوينشن منعقد ڪيو ويندو، جنهن ۾ ضلعي قيادت سميت لاڙڪاڻو، ڏوڪري، باقراڻي ۽ رتوديرو سيهڙ سميت مختلف شهرن جا صحافي شرڪت ڪندا. قلم ڌڻين وفاقي توڙي صوبائي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته صحافين کي تحفظ ۽ بنيادي حق فراهم ڪري ته جيئن صحافي بغير پريشاني جي مظلوم ۽ بي پهچ عوام جو آواز اقتدار جي اعليٰ ايوانن تائين پهچائن.

بقايا عوامي سوچ 18

غريب ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي اٽو، کنڊ، گيهه سميت کاڌي پيتي جي شين ۽ روزمره جي استعمال وارين ٻين ضروري شين جون قيمتون عوام جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويون آهن. هن چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي باوجود روزمره جي استعمال وارين شين ۽ ٽرانسپورٽ جي ڪرائين ۾ ڪا به گهٽتائي نه ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته پيٽرول پمپن تي سرڪاري اگهن کان وڌيڪ رقم وصول ڪرڻ ۽ مقدار ۾ مبينا طور تي هيراڦيري ڪرڻ جون شڪايتون پڻ موجود آهن. هن وڌيڪ چيو ته ملاوٽ، ذخيره اندوزي، ناجائز منافعي خوري ۽ منشيات جي وڌندڙ رجحان عوام جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. هن ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته ضلعي عمرڪوٽ کي آفت سٽيل ضلعو قرار ڏيڻ لاءِ قدم کڻي غريب عوام لاءِ فوري طور تي رليف پيڪيج جو اعلان ڪيو وڃي، جڏهن ته ناجائز منافعي خورن، ذخيره اندوزن ۽ سرڪاري اگهن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 19

۾ پيش ايندڙ ڏکيائين ۽ مبينا ناجائز ڪٽوتين خلاف مستحق عورتن احتجاجي مظاهرو ڪندي شهر جي مڪ آمريڪن چوڪ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. جنهن سبب ٽريفڪ جي آمدرفت معطل ٿي وئي. تفصيل موجب ڪنري ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحق عورتن ۾ مالي امداد جي رقم جي ورهاست وارو عمل جاز ڪيش ۽ ٽيلي نار ڊوائيسز ذريعي اڃا تائين شروع نه ٿي سگهيو آهي، جنهن سبب گذريل هڪ هفتي کان ٻهراڙين مان ايندڙ مستحق عورتون رقم حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ڊوائيس هولڊرن جي دڪانن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهن. پر کين رقم ملڻ بدران بار بار مايوسي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. رقم نه ملڻ، مبينا ناجائز ڪٽوتين ۽ ڊوائيس هولڊرن جي مبينا من ماني خلاف متاثر عورتن آمريڪن چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. احتجاج ڪندڙ عورتن جو چوڻ هو ته شهر ۾ ڊوائيسز بند ڪيون ويون آهن، جنهن سبب کين سخت پريشاني ۽ تڪليف کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. پري پري جي ٻهراڙين مان اچڻ باوجود کين خالي هٿين واپس وڃڻو پوي ٿو. مظاهرين الزام لڳايو ته ڪجهه ڊوائيس هولڊر ٻهراڙين ۾ وڃي ڳجهي نموني ڊوائيسز هلائين ٿا ۽ مستحق عورتن کي امدادي رقم ڏيڻ عيوض في عورت کان 1500 کان 2000 رپين تائين مبينا ڪٽوتي ڪن ٿا، جڏهن ته شهر ۾ رقم ورهائڻ جو باقاعده عمل بند هجڻ سبب مستحق عورتن کي دربدر ڪيو پيو وڃي. عورتن جي احتجاج جو نوٽيس وٺندي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنري محمد خان پنهوار ڌرڻي واري هنڌ پهچي احتجاج ڪندڙ عورتن سان ڳالهيون ڪيون ۽ کين ڊوائيسز ڪولرائڻ جي خاطري ڪرائي، جنهن بعد عورتن احتجاجي ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو. اسسٽنٽ ڪمشنر جي خاطري بعد به ٽي ڊوائيسز ڪولرايون ويون، پر ڪجهه ڪارڊن جي تصديق ۽ رقم جي ادائيگي بعد ڊوائيس هولڊرن ٻيهر ڊوائيسز بند ڪري ڇڏيون. احتجاج ڪندڙ عورتن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بي آءِ ايس پي جي رقم جي ورهاست ۾ مبينا بدعنوانين، ناجائز ڪٽوتين ۽ ڊوائيس هولڊرن جي من مانيءَ جو فوري نوٽيس وٺي، سمورين مستحق عورتن کي بنا ڪنهن فرق ۽ ڪٽوتي جي سندن مڪمل رقم جي ادائيگي يقيني بڻائي وڃي ۽ رقم جي ورهاست واري عمل کي شفاف ۽ منصفاڻو بڻايو وڃي، جيئن غريب ۽ مستحق عورتن کي وڌيڪ پريشانين کان ڇوٽڪارو ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 20

رو هڪ ڀيرو ٻيهر پوليس کان انصاف ۽ تحفظ جي گهر ڪئي آهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي زخمي مير خان ڳهانگهرو الزام لڳايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پڪا ڳهانگهرا روڊ تي کيس هٿياربندن ڦرجو نشانو بڻايو، مزاحمت ڪرڻ تي مٿس فائرنگ ڪري کيس زخمي ڪيو ويو. جڏهن ته سندس چوڻ موجب جوابدار 50 هزار رپيا روڪ رقم به ڦر ڪري ويا. مير خان ڳهانگهرو وڌيڪ چيو ته هاڻي مبينا طور آشان ڳهانگهرو ميڊيا تي اچي سندس خلاف ڪوڙيون ۽ بي بنياد ڳالهيون ڪري رهيو آهي ۽ پاڻ کي بي ڏوهي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جڏهن ته سندس الزام آهي ته اڳ ۾ به ساڻس ڦرجو واقعو پيش آيو ۽ مٿس حملو پڻ ڪيو ويو. هن ايس ايڇ او ڪنڊيارو ۽ ضلعي جي اعليٰ پوليس اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس وٺي آشان ڳهانگهرو سميت واقعي ۾ ملوث ٻين مبينا جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 21

۾ اسماعيل شيخ، سعيد اعوان ۽ سيف الله ميمڻ شامل آهن جن جو تعلق شڪارپور سان ٻڌايو پيو وڃي، زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ طبي امداد لاءِ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو، هوڏانهن قمبر شهدادڪوٽ روڊ تي ڳوٺ ڪاڙا پرسان تيز رفتار ويگن جي ٽڪر ۾ 10 ورهين جو معصوم نينگر سرمد حسين پٽ حسين بخش مگسي شديد زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال پهچايو ويو.

بقايا عوامي سوچ 22

ذريعن وٽان مليل اطلاعن موجب، رات دير سان ڪيترن ئي گاڏين جي مالڪن ۽ ٽرڪن جي نمبرن خلاف ايف آءِ آر داخل ٿيڻ جا اطلاع مليا آهن، جنهن کانپوءِ ٽرانسپورٽرن ۾ سخت ڳڻتي ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي. ذريعن موجب رائلٽي جي مسئلي تان هلندڙ تڪرار ۾ وڌيڪ شدت اچي وئي آهي، جڏهن ته ايف آءِ آر داخل ٿيڻ جي اطلاعن ٽرانسپورٽ جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ خوف ۽ غير يقيني واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي. ٽرانسپورٽرن جو چوڻ آهي ته رائلٽي ٽيڪس ۽ آمري پل جي ٻنهي پاسن تي رائلٽي وصولي واري مسئلي جو مستقل ۽ منصفاڻو حل ڪڍيو وڃي، جيئن گاڏين جي اچ وڃ ۽ ڪاروباري سرگرمين کي متاثر ٿيڻ کان بچائي سگهجي. واقعي کانپوءِ ٽرانسپورٽرن ۾ مختلف خدشا جنم وٺي رهيا آهن ۽ معاملي جي وڌيڪ شدت اختيار ڪرڻ جا امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن. هوڏانهن اڃا تائين ايف آءِ آرن جي صحيح انگ، داخل ٿيل ڪيسن جي تفصيل ۽ لاڳاپيل اختيارين جو باضابطا موقف سامهون نه اچي سگهيو آهي. ڄامشورو جي ٽرانسپورٽرن جي هن اهم مسئلي تي وڌيڪ اڳڀرائي ۽ تفصيل جلد سامهون اچڻ جا امڪان آهن.

بقايا عوامي سوچ 23

۽ ٻارن کان زبردستي پنڻ ڪرائڻ توڙي ٻارن جي استحصال خلاف عوام ۾ شعور ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي، جيڪا ڊپٽي ڪمشنر آفيس عمرڪوٽ کان شروع ٿي پريس ڪلب عمرڪوٽ تي پڄاڻيءَ تي پهتي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر اعجاز احمد جتوئي چيو ته پيشه ور پنڻ ۽ ٻارن کان پنڻ ڪرائڻ هڪ سنگين سماجي مسئلو آهي، جنهن جي روڪٿام لاءِ معاشري جي هر فرد کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ٻارن کان پنڻ ڪرائڻ بدران کين تعليم ۽ بهتر مستقبل جا موقعا فراهم ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. هن چيو ته عوام اهڙن عنصرن جي حوصلا شڪني ڪري، جيڪي ٻارن کي پنڻ ۽ ٻين غيرقانوني سرگرمين ۾ استعمال ڪن ٿا، جڏهن ته اهڙن واقعن بابت لاڳاپيل ادارن کي اطلاع ڏنو وڃي ته جيئن بروقت ڪارروائي ڪري سگهجي. جاڳرتا ريلي ۾ سماجي ڀلائي کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر نور محمد شيخ، ضلعي انتظاميا جي نمائندن، سماجي شخصيتن ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن عوام ۾ آگاهي پکيڙڻ ۽ ٻارن جي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جو عزم پڻ ورجايو

بقايا عوامي سوچ 24

سرا قمبراڻي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته ميرپورخاص سان تعلق رکندڙ مسمات شمون، امرا، عارف، لطيف، نبيه ۽ ٻين عورتن رات جي وقت سندن گهر ۾ زبردستي داخل ٿي مٿن تشدد ڪيو تشدد ڪرڻ بعد جوابدار عورتون ڪيري ۾ سوار ٿي فرار ٿي ويون. جنهن بعد انصاف لاءِ وومين ٿاڻي پهتاسين، جتي مبينا طور جوابدار عورتون اڳ ئي موجود هيون متاثر عورتن الزام هنيو ته پوليس کين صرف اسپتال وڃڻ لاءِ ليٽر ڏنو. جڏهن ته وومين ٿاڻي تي موجود جوابدار عورتن خلاف ڪا به قانوني ڪارروائي نه ڪئي وئي احتجاج ڪندڙ عورتن پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته گهر ۾ گهڙي تشدد ڪندڙ عورتن خلاف ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪيو وڃي ۽ کين تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

ين مخدوم سعيد الزمان عاطف پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته مخدوم شفيق الزمان سنڌ جي انهن باوقار، متحرڪ ۽ عوامي خدمت جو جذبو رکندڙ شخصيتن مان هڪ هو جن پنهنجي سياسي بصيرت، سماجي وابستگي ۽ جماعت سان وفاداريءَ وسيلي پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم ڪئي. سندس زندگي سياسي جدوجهد، سماجي ڀلائي، تعليمي ترقي ۽ سروري جماعت جي اتحاد ۽ استحڪام لاءِ ڪيل ڪوششن سان عبارت آهي. پاڻ چيائون ته مخدوم شفيق الزمان کي علمي، ادبي ۽ روحاني ماحول ورثي ۾ مليو جنهن سندس شخصيت جي تعمير ۽ فڪري تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن پنهنجي والد جي علمي ۽ سماجي روايتن کي اڳتي وڌائيندي عوامي زندگيءَ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو مخدوم سعيد الزمان عاطف چيو ته مخدوم شفيق الزمان پنهنجي سياسي سفر جي شروعات پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان ڪئي ۽ عملي سياست ۾ حصو وٺندي عوامي مسئلن، سماجي معاملن ۽ علائقي جي ترقيءَ لاءِ پنهنجون صلاحيتون ڪتب آنديون. هو سياست کي عوامي خدمت جو ذريعو سمجهندو هو جڏهن ته سروري جماعت ۾ اتحاد، اتفاق ۽ ڀائيچاري جي فضا قائم رکڻ سندس ترجيحن ۾ شامل هو پاڻ وڌيڪ چيائون ته والد مخدوم محمد الزمان طالب المولي جي وفات کانپوءِ مخدوم محمد امين فهيم درگاهه نوح سرور جي گادي نشينيءَ جون ذميواريون سنڀاليون، جڏهن ته سياسي مصروفيتن سبب مخدوم شفيق الزمان درگاهه جي انتظامي معاملن ۽ سروري جماعت جي اجتماعي معاملن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن جماعت جي ماڻهن سان رابطن، سندن مسئلن جي حل ۽ جماعت جي تنظيم ۽ اتحاد لاءِ پاڻ پتوڙيو مخدوم سعيد الزمان عاطف چيو ته مخدوم شفيق الزمان جي سياسي خدمتن جو هڪ اهم حوالو 90ع واري ڏهاڪي ۾ نگران حڪومت دوران صوبائي وزير طور سندس خدمتون پڻ آهن. ان کان علاوه هالا ۾ پنهنجي والد مخدوم محمد الزمان طالب المولي جي نالي سان تعليمي ادارن جي قيام ۽ تعليمي شعبي جي واڌاري لاءِ سندس ڪردار نهايت اهميت رکي ٿو سندس سوچ ۽ ڪوشش جو محور علم جي روشنيءَ کي عام ڪرڻ ۽ سماج ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو. مخدوم صاحب وڌيڪ چيو ته مخدوم شفيق الزمان جي شخصيت کي رڳو سياسي عهدن يا خانداني نسبت جي حوالي سان نه، پر سندس عملي خدمتن، سماجي ڪردار، جماعت سان وابستگي ۽ علمي روايتن جي تسلسل جي تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي اهڙيون شخصيتون پنهنجي دور جي سماجي ۽ سياسي تاريخ تي پنهنجا اثر ڇڏينديون آهن، جن جو ڪردار ايندڙ نسلن لاءِ پڻ اتساهه جو سبب بڻجندو آهي پاڻ چيائون ته مخدوم شفيق الزمان جي لاڏاڻي سان هالا هڪ اهڙي شخصيت کان محروم ٿي ويو جنهن پنهنجي زندگيءَ جا اهم سال عوامي، سماجي ۽ جماعت جي خدمت ۾ گذاريا. سندس آخري آرامگاهه درگاهه نوح سرور جي احاطي ۾ آهي، جڏهن ته سندس خدمتون ۽ ڪردار تاريخ جي ورقن ۾ هميشه ياد رکيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 26

خبر موجب ٽنڊوالهيار ويجهو ڇمبڙ روڊ جمالي پمپ پرسان تيز رفتار موٽر سائيڪل جو بيٺل موٽر سائيڪل کي ٽڪر نتيجي ۾ جهمپير جو رهواسي پورهيت 18 سالا نوجوان بجل آٿو فوت جڏهن ته ساڻس گڏ عبدالغفور ڪمبوه زخمي ٿي پيو اطلاع تي بي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو مليل ڄاڻ موجب فوتي نوجوان بجل آٿو جهمپير جو رهواسي هو جيڪو ٽنڊوالهيار لڳ پٽي هوٽل تي مزدوري لاءِ آيل هو پوليس موجب لاش سول اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي موٽرسائيڪل کي ٽڪر هڻندڙ موٽرسائيڪل فرار ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولها ڪئي پئي وڃي لاش وارثن حوالي ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا عوامي سوچ 27

تيار ڪندڙ فيڪٽري خلاف ايف بي آر ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل ڪارروائي ۾ وڏي انگ ۾ مشينري ۽ تيار ٿيل سگريٽ هٿ ڪيا ويا ماڇي هوٽل پرسان نجي ڪمپني جي ريسٽ هائوس جي احاطي ۾ قائم مبينا غيرقانوني سگريٽ فيڪٽري تي ڇاپو هنيو ويو، ايف بي آر حيدرآباد جي ٽيم قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اڳواڻي ۾ غيرقانوني سگريٽ ٺاهڻ واري فيڪٽري تي ڪارروائي ڪئي وئي ڇاپي دوران سگريٽ تيار ڪرڻ واريون 9 مشينون تحويل ۾ ورتيون ويون، ڪارروائي دوران نائن برانڊ سگريٽ جا تيار ٿيل 60 ڪارٽن، مجموعي طور 11 هزار 860 پيڪٽ سگريٽ هٿ ڪيا ويا ڇاپي دوران نائن ۽ ماسٽر برانڊ سگريٽن جي پيڪنگ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪارٽن پڻ هٿ ڪيا ويا، سگريٽ تيار ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ تمباڪو جون 10 ٻوريون ۽ پيڪنگ جو وڏو مقدار پڻ هٿ ڪيو ويو ڪارروائي دوران سگريٽن جي فراهمي لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪيري وين پڻ تحويل ۾ ورتي وئي، ايف بي آر ٽيم پاران هڪ هيوي جنريٽر، پيٽرول ٽينڪ، 23 رول ۽ ٻه هيوي بيٽريون پڻ هٿ ڪيون ويون سگريٽن جي پيڪنگ لاءِ استعمال ٿيندڙ 3 هزار پيڪٽ جو تيار خام مال پڻ تحويل ۾ ورتو ويو ايف بي آر ٽيم حيدرآباد هٿ آيل خام مال، تيار ٿيل سگريٽ، تمباڪو، ڪيري وين، پيڪنگ مواد ۽ ٻيو سامان هيڊڪوارٽر منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته ڪارروائي بعد غيرقانوني سگريٽ جي فيڪٽري ۽ ان ۾ موجود مشينري ۽ عمارت کي ايف بي آر ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران سيل ڪيو ويو، ڪارروائي ۾ هٿ آيل سامان جي مجموعي ماليت تقريبن 7 کان 8 ڪروڙ رپيا ٻڌائي پئي وڃي ذريعن موجب غيرقانوني سگريٽ جي تياري ۽ مبينا ٽيڪس چوري خلاف فيڪٽري خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 28

تي آبادگار اڳواڻن پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪمند اسان جي ٻنين ۾ تيار بيٺا آهن، شگر ملون نه هلي رهيو آهن ڪمند بيٺو آهي، ڪٽڪ ڪڻڪ پوکيون حڪومت هٺ سان اٽي جو بحران پيدا ڪري ٿي جنهن جو سمورو وزن هڪ آبادگار ۽ عوام تي پئي ٿو هنن چيو ته حڪومت ڪمند جو اگهه 650 روپيا مقرر ڪري ۽ آبادگارن کي رليف ڏي آبادگار هن وقت فصلن جا اگهه نه هجڻ ۽ ڀاڻ سبب وڏو پريشان آهي اسان 21 نومبر تي حيدرآباد ۾ احتجاج ڪنداسين سنڌ آبادگار اتحاد طرفان احتجاجن جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي ملون نه هلڻ ته سڄي سنڌ جي هر ضلعي ۾ احتجاج ڪنداسين هنن وڌيڪ چيو ته يوريا ڀاڻ 7 سئو کان 8 سئو ٻوري بليڪ ڪئي پئي وڃي، انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل آهي ڊيلرن يوريا ڀاڻ کي گودامن ۾ لڪائي ڇڏيو آهي ۽ ڪوٽ ڏيکاري بليڪ تي وڪرو ڪري رهيا آهن جنهن تي انتظاميه ڪا به ڪارروائي نٿي ڪري آبادگارن موجب ملون هٺ سان آبادگارن سان زيادتيون ڪري رهيون آهن انهن کي صرف پنهنجا مفاد پيارا آهن ملون نه هلڻ ڪري آبادگارن کي وڏو نقصان ٿي رهيو آهي جنهن جي ذميوار حڪومت آهي حڪومت چاهي ته اڄ ئي ملون کلي سگهن ٿيون هنن وزيراعليٰ سنڌ، زراعت جي وزير، ڊي سي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان گهر ڪئي ته نوٽس وٺي آبادگارن کي رليف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 29

7 ورهين جي ڪبرا ڌي ذاڪر ڪوسو ٻڏي فوت ٿي وئي جنهن جو لاش وارث جڏهن گهر کڻائي آيا ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو واقعي بابت فوت ٿي ويل ٽينگري جي ڏاڏي لياقت ڪوسو صحافين کي ٻڌايو ته مون جي پوٽي 7 ورهين جي ڪبرا صبح جو گهر مان نڪري وئي ڪافي دير بعد گهر واپس نه ٿيڻ ۾ دير ڪيائين جن کي ڳولڻ وياسي ته گهر اڳيان پاڻي جي واهي مان لاش مليو جن کي مقامي ڊاڪٽرن وٽ کڻائي وياسين جتي ڊاڪٽرن پڻ فوت ٿيڻ جي تصديق.

بقايا عوامي سوچ 30

ت رپورٽ موجب ڪرغزستان ملڪ سان تعلق رکندڙ 55 ورهين جو قربان ڪرغزستاني تبليغي جماعت سان گڏ الله جي راهه ۾ نڪتل هو ۽ ڪجهه وقت کان قبو سعيد خان جي قبا مسجد ۾ رهائش پذير هو، جتي اوچتو کيس دل جو دورو پيو جنهن کي فوري طور شهدادڪوٽ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي هو زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو. فوتي جي سڃاڻپ قربان ڪرغزستاني طور ڪئي وئي آهي واقعي کانپوءِ تبليغي جماعت جي ساٿين ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي ۽ تبليغي جماعت جا سوين جماعتي اسپتال پهچي ويا

بقايا عوامي سوچ 31

ي تربيت، خدمتِ خلق ۽ اجتماعي اتحاد جو هڪ بامقصد سفر آهي، جيڪو انسان کي پنهنجي اندر جي اصلاح ۽ بزرگن جي نيڪ تعليمات تي عمل ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو اها ڳالهه سائين انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان پاران درگاهه حضرت سائين بلاول شاهه نوراني سرڪار رح جي آستان ۾ منعقد ڪيل سالانه محفل هدية ڪثرت درود پاڪ جي پروگرام دوران پنهنجي روحاني ۽ اصلاحي خطاب دوران ڪئي پروگرام ۾ سڄي سنڌ مان 43 بسون، 17 ويئون ۽ ڪيترين ئي ڪارن تي مشتمل انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان سان وابسطه ماڻهن جو قافلو درگاهه حضرت شاهه بلاول نوراني سرڪار رح جي آستان پهتو سائين وڌيڪ چيو ته اولياءِ ڪرام جي درگاهن سان عقيدت ۽ محبت جو حقيقي اظهار سندن تعليمات کي پنهنجي عملي زندگيءَ جو حصو بڻائڻ ۾ آهي. شاهه نوراني سرڪار جي روحاني نسبت ۽ لاهوت ۽ لامڪان جي تاريخي اهميت اسان کي صبر، ثابت قدمي، عاجزي، همت ۽ ساٿين سان اتحاد جو پيغام ڏئي ٿي سفر دوران قدرت جي نظارن مان الله تعاليٰ جي قدرت ۽ تخليق ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته قرآن پاڪ انسان کي زمين ۾ گهمڻ ۽ ڪائنات جي نشانين تي تدبر ڪرڻ جي دعوت ڏئي ٿو. سائين چيو ته، صوفياڻي فڪر جو بنيادي پيغام محبت، رواداري، برداشت ۽ انسانيت آهي. ذات پات، انا، حسد، ڪينو ۽ نفرت سماج کي ڪمزور ڪن ٿا، جڏهن ته باهمي احترام، گڏيل سهڪار ۽ ڀائيچارو معاشري کي مضبوط بڻائين ٿا. هڪ ٻئي جو سهارو بڻجڻ، اختلافن کي اخلاق سان حل ڪرڻ ۽ گڏيل مقصد لاءِ متحد رهڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. سائين وڌيڪ چيو ته، گڏيل دسترخوان، مهمان نوازي ۽ ضرورت مندن جي مدد روحاني تربيت جا عملي پهلو آهن. مسڪينن، يتيمن، بيمارن ۽ لاچار ماڻهن جي خدمت ڪرڻ، زائرين ۽ مهمانن جي عزت ڪرڻ ۽ بنا ڪنهن فرق جي انسانيت جي خدمت ڪرڻ ئي محبت جي حقيقي سڃاڻپ آهي. روحاني سفر ۾ تمام قرآن پاڪ جي تلاوت، درود پاڪ، استغفار ۽ ذڪر الاهي سان گڏ پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار جي اصلاح تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي. سائين چيو ته اهلِ بيت اطهار، اصحاب ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام جي زندگي اسان لاءِ عدل، قرباني، علم، اخلاص، عاجزي، سخاوت ۽ رواداريءَ جا روشن مثال آهن. حضرت امام حسين عليہ السلام جي حق ۽ قربانيءَ واري جدوجهد، حضرت علي ڪرم الله وجهه جي عدل ۽ ڏاهپ، ۽ حضرت لعل شهباز قلندر رحمة الله عليه جي محبت ۽ انسان دوستيءَ جو پيغام اسان کي بهتر انسان بڻجڻ جي دعوت ڏئي ٿو. هن نوجوانن جي تربيت تي زور ڏيندي چيو ته نوجوان سماج جو قيمتي سرمايو آهن. کين علم، ادب، سچائي، امانتداري، والدين ۽ بزرگن جي احترام، نماز ۽ درود پاڪ سان وابستگي، مثبت سوشل ميڊيا استعمال ۽ خدمتِ خلق ڏانهن راغب ڪرڻ گهرجي. نشي، خراب صحبت، تعصب، حسد ۽ نفرت کان بچڻ لاءِ نوجوانن ۾ شعور ۽ اخلاقي تربيت پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. آخر ۾ سائين چيو ته، حضرت شاهه بلاول نوراني سرڪار رح جي حاضريءَ جو اصل مقصد رڳو ظاهري سفر مڪمل ڪرڻ نه، پر پنهنجي اندر محبت، عاجزي، وفاداري، خدمت ۽ اخلاص پيدا ڪرڻ آهي. هر زائر کي پاڻ کان سوال ڪرڻ گهرجي ته ڇا سندس دل ۾ انسانيت لاءِ محبت آهي، ڇا سندس عملن مان ڪنهن کي فائدو پهچي ٿو ۽ ڇا هو بزرگن جي نيڪ تعليمات تي عمل ڪري ٿو؟ روحاني سفر جي حقيقي ڪاميابي تڏهن آهي، جڏهن انسان زيارت کان موٽي پنهنجي ڪردار ۾ بهتري، دل ۾ محبت ۽ سماج لاءِ خدمت جو جذبو کڻي واپس اچي. پروگرام ۾ قلندري طارق علي چارڻ ۽ علي بخش سولنگي پاران نعت خواني پڻ ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 32

ڻ سبب معصوم شاگرد سرد موسم ۾ کليل آسمان هيٺ ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن اسڪول جي ڇتين، دروازن ۽ درين سميت عمارت جا مختلف حصا ڊهي چڪا آهن، جنهن سبب شاگردن لاءِ محفوظ تعليمي ماحول موجود ناهي. اسڪول جي شاگردن پنهنجي تعليمي مسئلن خلاف احتجاج ڪندي چونڊيل نمائندن ۽ تعليم کاتي جي لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي شاگردن ايم اين اي نوابزاده مير منور علي خان ٽالپر، ايم پي اي الحاج رئيس نور محمد پرڳڙي، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار شاهه کي اپيل ڪئي آهي ته اسڪول جي نئين عمارت جي تعمير لاءِ ترت عملي قدم کنيا وڃن، جيئن هو موسمي سختين کان محفوظ رهي بهتر تعليمي ماحول ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن شاگردن جو چوڻ آهي ته اسڪول جي عمارت نه هجڻ سبب سندن تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. هنن سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معصوم ٻارن جي مستقبل کي نظر ۾ رکندي اسڪول جي نئين عمارت جي تعميرجو ڪم ترجيحي بنيادن تي شروع ڪرايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 33

راجپوت پاران ايم اين اي متياري مخدوم جميل الزمان جي ڪوآرڊينيٽر ممتاز شاهه خلاف ڌانڌلي جون شڪايتون داخل. چيف اليڪشن ڪمشنر، سيشن جج، ڊي سي، ايس ايس پي متياري کي درخواستون موڪلي ڇڏيون. اوڏيرولال: يوسي 29 اوڏيرولال وليج جي بلدياتي اليڪشن دوران سياسي سرگرميون تيز ٿي ويون آهن. آزاد اميدوار يامين راجپوت پاران ايم اين اي متياري مخدوم جميل الزمان جي ڪوآرڊينيٽر ممتاز شاهه خلاف مبينا چونڊ ڌانڌلي ۽ سرڪاري مشينري جي استعمال بابت چيف اليڪشن ڪمشنر، سيشن جج، ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ايس ايس پي متياري کي درخواستون جمع ڪرايون ويون آهن. درخواست ۾ يامين راجپوت موقف اختيار ڪيو آهي ته سرڪاري مشينري استعمال ڪري مبينا طور چونڊ عمل تي اثرانداز ٿيڻ ۽ ڌانڌلي ذريعي اليڪشن کٽڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. يامين راجپوت اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته يوسي 29 جي سمورين پولنگ اسٽيشنن کي حساس قرار ڏئي سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا وڃن، جيئن ووٽر بنا ڪنهن خوف ۽ دٻاءَ جي پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪري سگهن. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اليڪشن دوران ڪو اڻٿيندڙ واقعو يا خونريزي پيش اچي ٿي ته ان جي ذميواري ممتاز شاهه عرف وسيع شاهه، ڪوآرڊينيٽر ۽ ضلعي ڪائونسل متياري جي ميمبر تي هوندي.

بقايا عوامي سوچ 34

ي اوچتو نامعلوم سببن جي ڪري باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ چونئرو، رڌڻو ۽ گهر اندر پيل سمورو گهريلو سامان سڙي رک ٿي ويو. باهه لڳڻ سبب متاثر خاندان کي لکين رپين جو نقصان پهچڻ جو خدشو آهي، جڏهن ته گهر جون ضروري شيون ۽ ڪاٺ پيٺ جو سامان به باهه جي ور چڙهي ويون. ڳوٺاڻن موجب باهه لڳڻ جي اطلاع باوجود ڊيپلي فائر برگيڊ جي گاڏي وقت سر واقعي واري هنڌ نه پهتي، جنهن سبب ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه وسائڻ جون ڪوششون ڪيون ۽ ڪافي جدوجهد کانپوءِ باهه تي ضابطو آندو ويو. واقعي کانپوءِ متاثر خاندان ڇت کان محروم ٿي کليل آسمان هيٺ ويهڻ تي مجبور آهي. متاثر خاندان ضلعي انتظاميا، چونڊيل نمائندن ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي ۽ متاثر خاندان جي مالي سهائتا ڪري کين ٻيهر گهر آباد ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 35

ص مهمان چيئرمين ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ٽنڊوباگو جي صدر مير محمد بخش ٽالپر ۽ چيئرمين ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو خان صاحب جمالي هئا. تقريب جي شروعات ۾ اسڪول جي پرنسپال پروفيسر علي احمد بليدي آجياڻي واري تقرير ڪندي آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ اسڪول کي درپيش مسئلن بابت پڻ آگاهي ڏني. تقريب ۾ عبدالرئوف ميمڻ، ايس ايم سي چيئرمين فيض محمد اديجو، پروفيسر امان الله احمداڻي، حيدرآباد کان آيل مهمان پروفيسر خالد مير جت، اڳوڻو پرنسپال ڪريم بخش پنهور، ٽي اي او پرائمري امتياز احمد ڀالڻ محمد چانڊيو، صدام اسحاق ميمڻ، انور عباسي، محمد يوسف ميراڻي، مير شوڪت ٽالپر، نورالدين بليدي، عبدالرحمان سمون، اسٽريم ٽيم جي فرحان ميمڻ، عبدالباسط چانڊيو، جاني طفيل ميمڻ، ڪانتيش راءِ لوهاڻو، محمد عمر سمون سميت ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب دوران شاگردن پاران سائنس، ٽيڪنالاجي، روبوٽڪس، مختلف ورڪنگ ماڊلز ۽ تخليقي صلاحيتن تي ٻڌل دلچسپ ۽ معلوماتي پروجيڪٽس پيش ڪيا ويا، جن کي مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن پاران ڀرپور ساراهيو ويو. ان موقعي تي مهمانن خطاب ڪندي شاگردن جي ذهانت، تخليقي سوچ ۽ جديد تعليم ڏانهن وڌندڙ دلچسپي کي ساراهيو ۽ چيو ته اهڙيون تعليمي سرگرميون نوجوان نسل جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ روشن مستقبل جي تعمير لاءِ انتهائي اهم آهن. تقريب جي موقعي تي مير محمد بخش ٽالپر پاران اسڪول لاءِ هڪ لک رپيا ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو، جنهن کي شرڪت ڪندڙن پاران ساراهيو ويو. تقريب خوشگوار ماحول ۾ پڄاڻي تي پهتي

بقايا عوامي سوچ 36

روبار عروج تي پهچي ويو، شهر ۾ نشيدار شين جو ڪاروبار جهڙوڪ خاص طور تي مائو گٽڪو ۽ زهريلي سوپاري Z21 جي وڪري ۽ سپلاءِ ۾ واڌ. شهر جي مختلف علائقن ۾ سوپاري جي سپلاءِ ڌڙا ڌڙ جاري، نوجوان نسل جي مستقبل بابت ڳڻتي وڌي وئي، نشيدار شين جي وڪري سبب نوجوان نسل تيزي سان تباهيءَ طرف وڃڻ لڳو. سيوهڻ پوليس جي خاموشي سوالي نشان بڻيل، نشيدار شين جي ڪاروبار خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام، شهر جي سڄاڻ ڌرين ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ڊي ايس پي سيوهڻ کان نشيدار شيون وڪرو ڪندڙن خلاف فوري طور تي ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو. شهرين ۽ سماجي ڌرين پاران منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪري منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي۔

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جو سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) جي ضلعي هيڊڪوارٽر اسٽيشن جو دورو

جديد سهولتن، پيشه ورانه صلاحيتن ۽ عوامي خدمتن کي ساراهيو، هنگامي حالتن ۾ بروقت ۽ اثرائتو رسپانس يقيني بڻائڻ جون هدايتون

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) جي ضلعي هيڊڪوارٽر اسٽيشن ٺٽو جو دورو ڪيو

جتي ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آفيسر انجنيئر توقير احمد سومرو ۽ ريسڪيو 1122 جي ٻين آفيسرن ۽ اهلڪارن سندس آجيان ڪئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت جو سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروس (ريسڪيو 1122) جي ضلعي هيڊڪوارٽر اسٽيشن جو دورو، جديد سهولتن، پيشه ورانه صلاحيتن ۽ عوامي خدمتن کي ساراهيو، هنگامي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

راٽيپور جي دڪاندارن ۽ واپارين پاران بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف ڌرڻو

راٽيپور: (رپورٽر) راٽيپور جي دڪاندارن ۽ واپارين پاران بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف سيپڪو ايس ڊي او آفيس اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو. جتي واپارين بجلي جي بندش سبب ڪاروبار ٺپ ٿيڻ ۽ معاشي نقصان بابت پنهنجا خدشا ظاهر ڪيا. ان موقعي تي هائيڊرو ليبر يونين اڳواڻ مقصود احمد ملاح دڪاندارن واپارين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان کي اوهان جي ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ٻاٽرن مان جان کي خطرو آهي تحفظ ڏنو وڃي اسلام ڪوٽ ۾ رهواسي جو احتجاج انصاف جو مطالبو

اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ابن جونڙ جي رهواسي امام علي لنجو پريس ڪلب پهچي احتجاج

مون ڪجھ مهينا اڳ سندس ٿي برادري جي عورت سان راضي خوشي سان شادي ڪئي جنهن بعد برادري سطح تي راجوڻي فيصلو ٿيو

جنهن فيصلي ۾ مون عورت واپس ڪئي پر ان باوجود مخالف ڌر جا ماڻهو ڳوٺ مينهون لنجو واسي امداد لنجو الف لنجو ذاتي دشمني تي لهي آيا آهن

اسلام ڪوٽ (رپورٽ امان الله هنگورجو) ٻاٽرن مان جان کي خطرو آهي تحفظ ڏنو وڃي اسلام ڪوٽ ۾ رهواسي جو احتجاج انصاف جو مطالبو اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ابن جونڙ جي رهواسي امام علي لنجو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪند/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3



ڪينجهر پرسان ڳوٺ محمد ترڪ جي رهواسي گل آصف جو احتجاج

احمد علي ولد عباس علي ترڪ سندس گهرواري ۽ پٽ ڪاشف علي کي مبينا طور ورغلائي پاڻ سان گڏ وٺي ويو

مبينا طور ملوث جوابدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڪينجهر پرسان ڳوٺ محمد ترڪ جي رهواسي گل آصف ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو آهي ته احمد علي ولد عباس ع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

اوڏيرولال وليج ۾ 22 نومبر تي ٿيندڙ ضمني چونڊ، ٻنهي اميدوارن جون چونڊ سرگرميون تيز

پيپلزپارٽي جي اميدوار امتياز علي جهيجو ۽ آزاد اميدوار يامين راجپوت وچ ۾ سخت چٽاپيٽي ۽ سياسي ڇهڇٽو جاري

يامين راجپوت وچ ۾ سخت چٽاپيٽي ۽ سياسي ڇهڇٽو جاري، هڪ ٻئي تي الزام تراشي، پولنگ کي حساس قرار ڏيڻ جو مطالبو

اوڏيرولال وليج ڪائونسل جي خالي ٿيل سيٽ تي 22 نومبر تي ٿيندڙ ضمني چونڊ جون تياريون ۽ سياسي سرگرميون عروج تي پهچي ويون

اوڏيرولال (رپورٽ غلام نبي چنو) اوڏيرولال وليج ۾ 22 نومبر تي ٿيندڙ ضمني چونڊ، ٻنهي اميدوارن جون چونڊ سرگرميون تيز. پيپلزپارٽي جي اميدوار امتياز علي جهيجو ۽ آزاد اميدوار يامين راجپوت وچ ۾ سخت چٽاپيٽي ۽ سياسي ڇهڇٽو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ انٽيليجنس ڪميٽي جو اجلاس

جنهن ۾ ضلعي جي مجموعي امن امان جي صورتحال، سيڪيورٽي انتظامن ۽ لاڳاپيل معاملن جو جائزو ورتو ويو

پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي، اجلاس دوران مختلف ادارن پاران سيڪيورٽي صورتحال بابت بريفنگ ڏني وئي

ادارن وچ ۾ باهمي رابطن، معلومات جي ڏي وٺ ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ گڏيل قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ انٽيليجنس ڪميٽي جو اجلاس، امن امان ۽ سيڪيورٽي صورتحال جو جائزو ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت جي صدارت هيٺ دربار هال مڪلي ۾ ڊسٽرڪٽ انٽيليجن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6



سجاول جوڻيجو ۾ ايف آءِ اي جي ٽيم جي امڪاني وزٽ دوران ڊوائيز هولڊرز فرار

قمبر (رپورٽر) سجاول جوڻيجو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي هلندڙ قسط ۾ مبينا ڪٽوتين واري شڪايتن تي ايف آءِ اي جي ٽيم جي امڪاني وزٽ دوران ڊوائيز هولڊرن ڀاڄ رپورٽ موجب ايف آءِ اي ٽيم جي امڪاني وزٽ جي اطلاع ملڻ ڪانپوءِ سجاول جوڻيجو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جون ڊوائيز هلائين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

مڪلي سول اسپتال پرسان نرسنگ هاسٽل جي فليٽن ۾ شارٽ سرڪٽ سبب باهه، ڪو به جاني نقصان نه ٿيو

سول اسپتال مڪلي پرسان واقع نرسنگ هاسٽل جي فليٽن ۾ شارٽ سرڪٽ سبب اوچتو باهه لڳي وئي

جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. واقعي جو ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳت فوري نوٽيس

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽي جي هدايتن تي سمورن لاڳاپيل ادارن کي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري طور متحرڪ ڪيو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) مڪلي سول اسپتال پرسان نرسنگ هاسٽل جي فليٽن ۾ شارٽ سرڪٽ سبب باهه، ڪو به جاني نقصان نه ٿيو سول اسپتال مڪلي پرسان واقع نرسنگ هاسٽل جي فليٽن ۾ شارٽ سرڪٽ سبب اوچتو باهه لڳي وئي، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب8

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مڪلي ۾ شاگردن جي عالمي ڏينهن تي تقريب جو انعقاد

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي جي اسيمبلي ۾ شاگردن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي هڪ خاص تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن جو مقصد شاگردن ۾ تعليم، شعور، خوداعتمادي، تخليقيت ۽ مثبت ڪردار جي اهميت کي فروغ ڏيڻ هو

هن ڏينهن جي موقعي تي تعليمي ادارن ۾ مختلف تقريبون ۽ مقابلا منعقد ڪيا ويندا آهن. هن ڏينهن تي شاگردن جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مڪلي ۾ شاگردن جي عالمي ڏينهن تي تقريب جو انعقاد گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي جي اسيمبلي ۾ شاگردن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي هڪ خاص /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب9

قمبر لڳ ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر ٻه ڄڻا زخمي

قمبر (رپورٽر) قمبر لڳ مين انڊس هاءِ وي تي سومرا هوٽل وٽ تيز رفتار ڪار جو موٽرسائيڪل کي پويان زوردار ٽڪر پي پي جا ڪائونسلر سخت زخمي رپورٽ موجب مين انڊس هاءِ وي تي سومرا هوٽل وٽ تيز رفتار ڪار موٽرسائيڪل کي پويان ٽڪر هنيو. جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ ڪٽڻ خان مغيري واسي پيپلز پارٽي ڪائونسلر علي اڪبر مغيري ۽ مولاب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

مليرءَ ڪورنگي جي رهواسين جو وڏو انگ سنڌ ترقي پسند پارٽي ۾ شامل

حاجي حنيف لغاري ۽ ميڊم نرگس جي ڏينهن رات محنت رنگ لاتو، سومار ڪنڌاڻي ڳوٺ ۾ شاندار شموليتي پروگرام جو انعقاد

29 نومبر تي ڊاڪٽر قادر مگسي جي قيادت ۾ ٿيندڙ ملين مارچ سنڌ جي وحدت ۽ عوامي شعور جو تاريخي مظهر ثابت ٿيندو: اڳواڻن جو خطاب

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) مليرءَ ڪورنگي جي رهواسين جو وڏو انگ سنڌ ترقي پسند پارٽي ۾ شامل حاجي حنيف لغاري ۽ ميڊم نرگس جي ڏينهن رات محنت رنگ لاتو، سومار ڪنڌاڻي ڳوٺ ۾ شاندار شموليتي پروگرام جو انعقاد 29 نومبر تي ڊاڪٽر قادر مگسي جي قيادت ۾ ٿيندڙ ملين مارچ سنڌ جي وحدت ۽ عوامي شعور جو تاريخي مظهر ثابت ٿيندو:/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب11

جوهي ۾ اسٽريم پراجيڪٽ تحت شاگردن پاران تيار ڪيل پروجيڪٽس جي شاندار نمائش منعقد

جنهن ۾ شاگردن پنهنجي صلاحيتن، تخليقي سوچ ۽ عملي سکيا جو ڀرپور مظاهرو ڪيو

ان موقعي تي مهمانن پاران شاگردن جي محنت، دلچسپي ۽ پيش ڪيل پروجيڪٽس کي ساراهيو ويو

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جوهي ۾ اسٽريم (STREAM) پراجيڪٽ تحت شاگردن پاران تيار ڪيل مختلف تخليقي، سائنسي ۽ تحقيقي پروجيڪٽس جي شاندار نمائش منعقد ڪئي وئي، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب12

ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي

ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي

جيڪا ڊپٽي ڪمشنر آفيس عمرڪوٽ کان شروع ٿي پريس ڪلب عمرڪوٽ تي پڄاڻيءَ تي پهتي

پيشه ور پنگ ۽ ٻارن کان پنڻ ڪرائڻ هڪ سنگين سماجي مسئلو آهي: ڊي سي

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي جي اڳواڻيءَ ۾ سماجي ڀلائي کاتي عمرڪوٽ پاران پيشه ور پنگ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ٽرانسپورٽرن جي رائلٽي واري مسئلي تي اهم اڳڀرائي

ڪيترن ئي گاڏين جي مالڪن ۽ ٽرڪ نمبرن خلاف ايف آءِ آر داخل ٿيڻ جا اطلاع

رائلٽي وصولي واري مسئلي جو مستقل ۽ منصفاڻو حل ڪڍيو وڃي

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو ۾ رائلٽي ٽيڪس ۽ آمري پل جي ٻنهي پاسن تي رائلٽي جي وصولي واري تڪرار هڪ نئون رخ اختيار ڪري ورتو آهي. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

قمبر شهدادڪوٽ روڊ ۽ انڊس هاءِ وي تي ٽريفڪ حادثا، 4 ڄڻا زخمي

زخمين ۾ شڪارپور جا رهواسي اسماعيل شيخ، سعيد اعوان ۽ سيف الله ميمڻ شامل

زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ طبي امداد لاءِ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو

قمبر(رپورٽر) جوسو ويجهو مين انڊس هاءِ وي تي ٽريڪٽر ۽ ڪار وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڪنڊيارو: ڦرجي ڪوشش دوران مزاحمت تي هڪ ڄڻو زخمي

ڦورو مزاحمت ڪرڻ تي زخمي ڪري 50 هزار رپيا روڪ رقم به ڦر ڪري ويا: متاثر

ڪنڊيارو (رپورٽر) پڪا گهانگهرا روڊ تي مبينا ڦرجي ڪوشش دوران مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ميرخان گهانگهرا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

بي آءِ ايس پي تحت ملندڙ مالي امداد مان ناجائز ڪٽوتين خلاف مستحق عورتن جو احتجاجي مظاهرو

شهر جي مک آمريڪن چوڪ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

جنهن سبب ٽريفڪ جي آمدرفت معطل ٿي وئي

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) تحت مستحق عورتن کي ملندڙ مالي امداد جي رقم حاصل ڪرڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب19

مهانگائيءَ جو طوفان، عوام ٻٽي مشڪلاتن جو شڪار، عمرڪوٽ کي آفت سٽيل ضلعو قرار ڏنو وڃي: اڳوڻو جج ميان فياض رباني

روزمره جي استعمال وارين ٻين ضروري شين جون قيمتون عوام جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويون آهن

روزمره جي استعمال وارين شين ۽ ٽرانسپورٽ جي ڪراين ۾ ڪا به گهٽتائي نه ڪئي پئي وڃي

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) اڳوڻي جج ميان فياض رباني، ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ عمرڪوٽ چيو آهي ته ضلعي عمرڪوٽ ۾ ڳاتي توڙ مهانگائي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب18

لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس تعلقي ڏوڪري جو اجلاس ڏوڪري پريس ڪلب ۾ منعقد

توفيق سنڌيلو، سميت ڏوڪري پريس ڪلب جي صدر فدا حسين ابڙو، علي اصغر ميمڻ ۽ ٻين شرڪت

سنڌ جي صحافين ۾ عدم تحفظ جو احساس شدت وٺندو پيو وڃي: قلم ڏڻين

ڏوڪري(رپورٽر) لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس تعلقي ڏوڪري جو اجلاس ڏوڪري پريس ڪلب ۾ منعقد ٿيو. جنهن ۾ ايل يو جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب17

ميرپور ماٿيلو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا ايجنٽ بي لغام بڻيل

مستحق عورتن جي وظيفي مان 15 سئو کان 25 روپيا ڪٽوتي سرعام هلندڙ

روزاني بنياد تي هزارين روپيا ڀتو مقرر مستحق عورتن جون ميڊيا آڏو دانهون ڊوائيز مافيا ايجنٽن کي ڀٽون پاراتا

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا ايجنٽ بي لغام بڻيل مستحق عورتن جي وظيفي مان 15 سئو کان 25/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ميونسپل ڪاميٽي جوهي جي نااهلي سبب گهٽين محلن رستن تي گندگي جا ڍير لڳي ويا

جوهي شهر جي 8 ئي وارڊن اندر نالين جو ڪچري جي صفائي نه ٿيڻ ڪري گندو پاڻي گهٽين ۾ رلڻ لڳو

جوهي ناڪي کان مين روڊ ڪاليج تائين ٻه سؤ فٽ گندو پاڻي بيهجي وڃڻ ڪري ايندڙ ويندڙ پريشان

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) ميونسپل ڪاميٽي جوهي جي چيئرمين، سي ايم او ۽ ٻئي انتظاميه طرفان آفيسن جي تالا بندي ڪرڻ ۽ صف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺيءَ ۾ مهيش ڪمار راڻي جي اعزاز ۾ شاندار الوداعي تقريب

روشن مستقبل جو دارومدار هڪ قابل، باصلاحيت ۽ سچاڻ استاد جي علم، صلاحيتن ۽ ڪردار تي هوندو آهي: اڳواڻ

تعمير لاءِ آفاقي قدرن ۽ اعليٰ اخلاقي اصولن جي روشنيءَ ۾ نئين نسل جي تربيت ۽ رهنمائي پڻ ڪري ٿو

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڪنهن به معاشري جي خوشحالي، ترقي ۽ روشن مستقبل جو دارومدار هڪ قابل، باصلاحيت ۽ سچاڻ استاد جي ع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب14

چيلهار پرسان ڳوٺ دلن جو تڙ ۾ ديوي جو ڪاٺ وڍڻ تي دل برادري جو پاڻ ۾ جهيڙو پنج ڄڻا زخمي،

چيلهار پرسان ڳوٺ دلن جو تڙ ۾ ديوي جو ڪاٺ وڍڻ تي دل برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو

جنهن ۾ لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا پنج ڄڻا زخمي ٿي پيا

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو): چيلهار پرسان ڳوٺ دلن جو تڙ ۾ ديوي جو ڪاٺ وڍڻ تي دل برادري جو پاڻ ۾ جهيڙو پنج ڄڻا زخمي، خبر موجب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب13

ٽنڊوالهيار جي رهواسڻ قمبراڻي برادري جي عورتن جو گهر ۾ گهڙي مبينا تشدد ڪندڙ عورتن خلاف احتجاج

ميرپورخاص سان تعلق رکندڙ مسمات شمون، امرا، عارفه، لطيف، نبيهه ۽ ٻين عورتن رات جي وقت سندن گهر ۾ زبردستي داخل ٿي مٿن تشدد ڪيو

تشدد ڪرڻ بعد جوابدار عورتون ڪيري ۾ سوار ٿي فرار ٿي ويون، جنهن بعد انصاف لاءِ وومين ٿاڻي پهتاسين

جتي مبينا طور جوابدار عورتون اڳ ئي موجود هيون متاثر عورتن الزام هنيو ته پوليس ڪين صرف اسپتال وڃڻ لاءِ ليٽر ڏنو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ۾ امر هائوسنگ ڪالوني جي رهواسڻ قمبراڻي برادري جي عورتن جو گهر ۾ گهڙي مبينا تشدد ڪندڙ عورتن خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي عورتن شيربانو، گل ناز، غلام فاطمه ۽ اي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

ٽنڊوالهيار: شهر جون عورتون ٻاٿرن پاران گهر ۾ داخل ٿي تشدد ڪرڻ خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

مخدوم شفيق الزمان جي سياسي بصيرت، سماجي خدمتن ۽ سروري جماعت سان وابستگي تاريخ جو اهم باب آهي: مخدوم سعيد الزمان عاطف

مخدوم شفيق الزمان سنڌ جي انهن باوقار، متحرڪ ۽ عوامي خدمت جو جذبو رکندڙ شخصيتن مان هڪ هو

جن پنهنجي سياسي بصيرت، سماجي وابستگي ۽ جماعت سان وفاداريءَ وسيلي پنهنجي الڳ سڃاڻپ قائم ڪئي

سندس زندگي سياسي جدوجهد، سماجي ڀلائي، تعليمي ترقي ۽ سروري جماعت جي اتحاد ۽ استحڪام لاءِ ڪيل ڪوششن سان عبارت آهي

مٽياري(ڊ ر) مخدوم شفيق الزمان جي سياسي بصيرت، سماجي خدمتن ۽ سروري جماعت سان وابستگي تاريخ جو اهم باب آهي: مخدوم سعيد الزمان عاطف سروري تنظيم جي باني چيئرمين، سروري سرهاڻ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ٽنڊوالهيار ويجهو روڊ حادثو. هڪ ڄڻو فوت هڪ زخمي. اسپتال منتقل

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي. گهر ۾ ڪهرام

لاش وارثن حوالي ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ويجهو روڊ حادثو. هڪ ڄڻو فوت هڪ زخمي. اسپتال منتقل. لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي. گهر ۾ ڪهرام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ٽنڊوالهيار ۾ ايف بي آر ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي

نقلي سگريٽن جي فيڪٽري تي ڇاپو، ڪروڙين روپين جا غيرقانوني سگريٽ ۽ مشينري هٿ

ايف بي آر ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل ڪارروائي ۾ وڏي انگ ۾ مشينري ۽ تيار ٿيل سگريٽ هٿ ڪيا ويا

ماڇي هوٽل پرسان نجي ڪمپني جي ريسٽ هائوس جي احاطي ۾ قائم مبينا غيرقانوني سگريٽ فيڪٽري تي ڇاپو هنيو ويو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ۾ ايف بي آر ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي. نقلي سگريٽن جي فيڪٽري تي ڇاپو، ڪروڙين روپين جا غيرقانوني سگريٽ ۽ مشينري هٿ خبر موجب ٽنڊوالهيار ۾ غيرقانوني سگريٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سنڌ آبادگار اتحاد پاران شگر ملون چالو نه ٿيڻ ۽ ڪمند جو مناسب اگهه نه ملڻ خلاف احتجاج

ڪمند اسان جي ٻنين ۾ تيار بيٺا آهن، شگر ملون نه هلي رهيو آهن ڪمند بيٺو آهي

ڪٽڪ ڪيئين پوکيون حڪومت هٿ سان اٿي جو بحران پيدا ڪري ٿي جنهن جو سمورو وزن هڪ آبادگار ۽ عوام تي پئي ٿو

حڪومت ڪمند جو اگهه 650 روپيا مقرر ڪري ۽ آبادگارن کي رليف ڏي آبادگار هن وقت فصلن جا اگهه نه هجڻ ۽ پاڻي سبب وڏو پريشان آهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) سنڌ آبادگار اتحاد پاران شگر ملون چالو نه ٿيڻ ۽ ڪمند جو مناسب اگهه نه ملڻ خلاف ضلعي صدر عبدالرحيم درس. حاجي سجاد ميمڻ. شيري بلوچ ۽ ٻين پاران ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي وئي ان موقعي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ٽنڊوالهيار: سنڌ آبادگار اتحاد جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

قمبر لڳ 7 ورهين جي نينگري پاڻي ۾ ٻڏي فوت

قمبر (رپورٽر) قمبر ڪچي پل ويجهو ڳوٺ وزير فقير جاگيراڻي ۾ پاڻيءَ جي واهي ۾ وهنجڻ دوران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

قمبر ۾ ڪرغزستان واسي دل جو دورو پوڻ سبب فوت

قمبر (رپورٽر) تبليغي جماعت ۾ نڪتل پرديسي ڪرغزستان واسي دل جو دورو پوڻ سبب فو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاران محفل هديه ڪثرت درود پاڪ جو انعقاد

حضرت شاهه بلاول نوراني سرڪار رح جو روحاني سفر محبت، تربيت، خدمتِ خلق ۽ ڀائيچاري جو پيغام آهي: غلام حيدر شاهه قلندري

اولياءِ ڪرام جي درگاهن سان عقيدت ۽ محبت جو حقيقي اظهار سندن تعليمات کي پنهنجي عملي زندگيءَ جو حصو بڻائڻ ۾ آهي

هر زائر کي پاڻ کان سوال ڪرڻ گهرجي ته ڇا سندس دل ۾ انسانيت لاءِ محبت آهي، ڇا سندس عملن مان ڪنهن کي فائدو پهچي ٿو

ٽنڊوڄام (پريس رليز) سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري چيو آهي ته حضرت سيد بلاول شاهه نوراني سرڪار رحمة الله عليه جي درگاهه عاليه ۽ لاهوت لامڪان جو روحاني سفر رڳو زيارت يا سير و تفريح جو نالو ناهي، پر اهو محبت، عبادت، اخلاق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ڪوٽ غلام محمد گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ چيئرمين جي عمارت مڪمل طور زبون حال

شاگرد کليل آسمان هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور، نئين عمارت جي تعمير جو مطالبو

عمارت ڊهي وڃڻ سبب معصوم شاگرد سرد موسم ۾ کليل آسمان هيٺ ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور

اسڪول جي ڇتين، دروازن ۽ درين سميت عمارت جا مختلف حصا ڊهي چڪا آهن، جنهن سبب شاگردن لاءِ محفوظ تعليمي ماحول موجود ناهي

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي يونين ڪائونسل خير محمد پرڳڙي ۾ واقع گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ چيئرمين يونس خان قائمخاني جي عمارت انتهائي زبون حالي جو شڪار بڻيل آهي، عمارت ڊهي وڃ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

ڪوٽ غلام محمد گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ چيئرمين جي عمارت مڪمل طور زبون حال آهن

اوڏيرولال: يوسي 29 جي بلدياتي اليڪشن ۾ سياسي ڇڪتاڻ تيز

اوڏيرولال (رپورٽر) يوسي 29 جي بلدياتي اليڪشن ۾ سياسي ڇڪتاڻ تيز. آزاد اميدوار يامين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

ڏيپلي جي ڳوٺ ڊونڊڙي ۾ گهر کي اوچتو باهه، الهه تلهه سڙي رک

مٺي / ٿرپارڪر: (رپورٽر) تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ ڊونڊڙي ۾ امولڪ ولد نتومل حاجاڻي جي گهر ک/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

مير غلام محمد خان ٽالپر هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ تخليقي صلاحيتن بابت شاندار تعليمي تقريب

جنهن ۾ سياسي، سماجي، تعليمي شخصيتن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

پاڪستان پيپلزپارٽي ٽنڊوباگو جي صدر مير محمد بخش ٽالپر ۽ چيئرمين ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو خان صاحب جمالي هئا

ٽنڊوباگو (رپورٽر) مير غلام محمد خان ٽالپر گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊوباگو ۾ سائنس، ٽيڪنالاجي، ريڊنگ، انجنيئرنگ، آرٽس ۽ ميٿميٽڪس (STREAM) جي موضوع تي هڪ شاندار تعليمي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي، تعليمي شخصيتن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جا خا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر35

سيوهڻ ۾ منشيات جو ڪاروبار عام جام سيوهڻ شهر جو نوجوان طبقو نشيدار شيون واپرائڻ لڳو

منشيات جهڙوڪ چرس، آفيم، آئيس، مائو گٽڪو ۽ زهريلي سوپاري Z21 جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو

شهر ۾ نشيدار شين جو ڪاروبار جهڙوڪ خاص طور تي مائو گٽڪو ۽ زهريلي سوپاري Z21 جي وڪري ۽ سپلاءِ ۾ واڌ

سيوهڻ (رپورٽر) سيوهڻ ۾ منشيات جو ڪاروبار عام جام سيوهڻ شهر جو نوجوان طبقو نشيدار شيون واپرائڻ لڳو، سيوهڻ پوليس خاموش. سيوهڻ ۾ منشيات جهڙوڪ چرس، آفيم، آئيس، مائو گٽڪو ۽ زهريلي سوپاري Z21 جو ڪا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر36